رچنا ۸۶



پریم پرکاش

ساهت ۽ ڪلا جي ٽماهي

رچنا
٨٦

سال : ٢٢

اَپريل - جون ٢٠٠٠

ايڊيٽر : لکمي کلاڻي
صاحب بجاڻي

في انڪ : ٢٤ رپيا
ساليانو چندو : ٨٠ رپيا
لائيف ميمبرشپ : ٨٠٠ رپيا
ڀارت کان ٻاهر : ٥٠ يو. ايس. ڊالر

ڇپارن : انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
P.O. Box-10, 2-B/16, Adipur (Kutch) 370205
Ph. : (02836) 60997, E-mail : sindlogy @ wilnetonline.net, Website wwww.sindhology.com



سلسلو :

...ب ساهتڪارن شري گرڌر لوڪرام ڏوڏيجا (ج - ٤ نومبر ١٩٣١) ۽ شري سيرو سياه
...٧ مارچ ١٩٤٠) جي اوچتي ديهانت تي اسين سنڌن عزيزن، مترن ۽ سموري
...ي جڳت سان هن غم ۾ شريڪ آهيون.

سنڌالاجي پريوار

ي ٿو. (ڪي اپواد ٿي سگهن ٿا، اهڙا جمندي جام، ماءُ جي پيٽ مان جنم وٺندي ئي ٻوڙون پائيندا
دا.)

عام طور جڏهن لبڪ درجي بدرجي اوسر ڪندو ان ٻوڙڻ جي منزل تي پهچي ٿو تہ پوءِ ڪيس
ڪنهن گروءَ جي مارگ درشن جي ضرورت آهي، نہ ڪنهن پاٺڪ جي رد عمل جي. لڪڻ سندس پين
وري ڪريائن - ڪائڻ، پيئڻ، سمهڻ، ساهہ کڻڻ - جهڙي ئي سپاويڪ ڪريا بڻجي ٿو وڃي. اهو سندس
ڻ جو لازمي شرط ٿو بڻجي پوي. ان کانسواءِ هو زنده رهي نٿو سگهي. روز مرهہ جي زندگي ۾ هو
ڪي ڪجهہ محسوس ڪريٿو اُن کي پنهنجي فن ذريعي اظهار ڏئيٿو. ان اسٽيج تي پهچي هو محض
لاءِ لکيٿو. جئن ماڻهو عبادت لاءِ عبادت ڪندو آهي، پيار لاءِ پيار ڪندو آهي، شيوا لاءِ شيوا ڪندو
. ان مان رڳو ڪيس هڪ ذهني سُڪون ملندو آهي. ان مان هوُ ٻئي ڪنهن بہ قسم جي دنيوي لاڀ
موٽ ڪو نہ طلبيندو آهي.

اهڙي مٿاهين سطح تي پهتل 'سامي' ڪاغذ تي شلوڪ لکندو مَٽَ ۾ داخل ڪندو ويو. وجد جي
ي ۾ اچي شاهہ صاحب پنهنجو ڪلام ڳائيندو ويو، سندس مريد اهو پنهنجي حافظي ۾ درج ڪندا
چيڪوسلويڪيا جو ليکڪ 'ڪافڪا' فيتاشاهيءَ جي ڪوڙڪي ۾ ڦاٿل هڪ عام انسان جي بيوسيءَ کي
جي ناول 'د ٽرايل' ۾ درشائي، وصيت ڪري ويو تہ هن جي مئي کانپوءِ سندس لکيل سڀني دستخطن
جلائي ڇڏيو وڃي. هن صديءَ جي بهترين ناول 'يوليسس' جو ليکڪ جيمس جايس، پئرس ۾ پنهنجي
لنيءَ دوران لڳاتار اٺ سال، پنهنجي ڦاٿل مالي حالت ۾ اهو ناول يڪساهي لکندو رهيو. ڪيس اِها
هئي تہ ڪو بہ پبلشر اهو ناول ڇپڻ لاءِ تيار نہ ٿيندو. اگر ڇپيندو تہ ان تي جهٽ پابندي لڳائي
.

سچيتيءَ جي مٿاهين چوٽيءَ تي پهتل انهن سڀني ليکڪن شاعرن کي پاٺڪن جي سامهون هئڻ
ضرورت محسوس نٿي ٿئي. لکڻ هنن لاءِ عبادت آهي، آتم اظهار آهي، پاڻ سان ساکياتڪار آهي.
سان هنن کي نہ ناڻو کپي، نہ نالو ناموس کپي، نہ ئي ڪو نوبل پرائيز. هو بس لکندا رهن ٿا. لکڻ
پاڻ سڃاڻي، پاڻ کي پائين ٿا.

باقي هن املهہ زندگي کي چند سونن سکن تي وڪڻڻ، انعامن، خطابن، عهدن ڪرسين، ٽوپين
لچ تي لکڻ، پنهنجو پاڻ کي نگڻ آهي.

ملهہ مهانگو قطرو، سکڻ شهادت

اسان عبادت، نظر ناز پرين جو!

اسانجي طرفان

پاٺڪ جي تلاش

(A Writer in Search of the Reader)

اڄ سنڌيءَ ۾ بي شمار ڪتاب ڇپجن ٿا. سنڌي مئگزينون به وڏي تعداد ۾ شدمد سان شايع ٿ
ٿيون. پر انهن جا پاٺڪ ڏارچ ڪٿي ڳولهڻ سان به نٿا لڀجن.

سنڌي پاٺڪن جي گهٽجڻ ۽ هاٺي لڳ ڀڳ گم ٿي وڃڻ جي ڪارڻن جي اسان سيني کي پ
پت پروڙ آهي. سنڌي ڀاشا جي روز به روز گهٽجندڙ واهپي سبب معياري سنڌي ادب جي تخليق
بحران پيدا ٿي ويو آهي. پنجاهه ورهين کان گهٽ عمر وارا سنڌي ليکڪ، آڱرين تي ڳڻڻ جيترا
نظر نٿا اچن. تازي پاڙيءَ جي انهن نين ڏارائن جي داخل نه ٿيڻ سبب، سنڌي ادب جي وهڪ
۾ رڪاوٽ پيدا ٿي ويئي آهي. اهو سڙاند پيدا ڪندڙ پاڙيءَ جو ڏُبو بڻجي ويو آهي. سچاڻ پاٺڪن
غيرموجودگيءَ سبب ڪيترن اوچ ڪوٽيءَ جي ليکڪن لکڻ بند ڪري ساهتڪ ڪيتر مان سنياس وٺي ڇ
آهي.

انهن حالتن جي مدنظر هڪ سوال اسان سيني جي ذهن ۾ اُڀريٿو. ڇا معياري ادب جي خلق
لاءِ سچاڻ پاٺڪن جو هئڻ لازمي آهي؟

ان سوال جو سڌو سنواٿو جواب آهي، ’ها!‘ پاٺڪ رچنا پرڪريا جي ٽڪنڊي جو ٽيون پاسو هو
آهي. پهريون پاسو آهي رچناڪار، ٻيون پاسو آهي سندس تخليق ڪيل رچنا ۽ ٽيون پاسو آهي پاٺ
رچنا تڏهن ئي مڪمل ۽ سارٿڪ ليکبي آهي، جڏهن اُها پاٺڪ جي ذهن تائين پهچي، پنهنجو
ڏيکاري ٿي.

ليکڪ جي لکڻ جي ڪلا تڏهن ئي اُسري فن جي اونچائيءَ کي رسي ٿي، جڏهن هر ڏاکي
کيس شعوري پاٺڪ جي حوصلي افزائي حاصل ٿئي ٿي. نقاد به هڪ سچاڻ پاٺڪ ئي آهي. سندس ت
رچنا تي هن جو اظهاريل ايماندارانه رد عمل آهي. اُسرندڙ ليکڪ کي اهڙي مارگ درشن جي ضر
محسوس ٿئي ٿي. شاعريءَ ۾ اصلاح ڏيڻ جي پرمپرا، سنگيت جي گرو - شش واري پرمپرا جيان آ
آهي. هرڪو ليکڪ شروعاتي دؤر ۾ بانبڙا پائي ٿو، پوءِ پنڌ ڪرڻ سکيٿو ۽ آخر پاڻ پرڀيڻ ٿي دو

كوتا/اِندرا واسواڻي

پرديس۾

منهنجي ٻڍڙي ناني
ٻڌي سنڌ جو نالو
ٿي ويندي آهي ماندي
مان سندس
ڏوهٽي ڏنگي
ڪين محسوسيندي آهيان
سندس ضربيل جذبات کي
جيڪا سڏڪي پوندي آهي
ياد ڪري پنهنجي
اَباڻي وطن کي
اَڄ ويو اَٿس وسري
ڪلهه اَٿس ياد
ڪيس تنگ ڪرڻ لاءِ
نالو وٺندي آهيان
جهمي ۽ گاگن جو
جُمن ۽ جمال جو
ناروءَ پيءُ ۽ ناروءَ ماءُ جو
نانيءَ منهنجيءَ جي نظر
يئي آهي گهٽجي
مان سندس
نگي ڏوهٽي
ي بيهاريندي آهيان
نا ۽ منيش کي
ڪي ٻڌائيندا اٿس
آهيون ناروشاه سنڌ مان
ٿي ويندي آهي بيصبر
۽ پڇڻ لڳندي آهي
سوالن مٿان سوال
ڪيئن آهي منهنجي جهمي
گاگن ته ٿي ويو هوندو ٻڍو
جُمن کي گهٽا ٻار؟
جمال اَڃان هلائيندو آ ٽانگو؟
آهي نه جيئرو ناروءَ پيءُ؟
اَڃي چون ٿي هِتِ ناروءَ ماءُ!
ناني،
ناروءَ پيءُ ويو مري
ناروءَ ماءُ جي پيئي تنگ پڇي
جُمن ٿيو آ اَڌ چريو
۽ پوءِ کِل کِل ٿيندي آهي
اَسانجي شروع
اَسانجي منهن مان
ٻُڌي اِهو سڀ
ناني پوندي آهي سُڏڪي
وهندا اَٿس ڳوڙها بيشمار
پيئي پوءِ پُڇ پُڇ ڪندي آ
ڪيئن ويندس مُنهن پائڻ ناروءَ پيءُ جو!
۽ ناروءَ ماءُ جو حال پڇڻ!
مونکي سنڌ ۾ اَچڻ ڏيندا؟
مان ته ٿي ويئي آهيان
پرديس۾ هاڻي!

T.H.X- 23, Adipur- 370205

هري دلگير جا چار تازا غزل

(۱)

ڪرم ستم سان نہ مطلب ڪَريو، ڪَريو نہ ڪَريو.
اوهان رُئل تہ پوءِ ڪجھ پي سَريو سرِيو نہ سريو.

۱. ڪنوڻ جلائي ڇڏيو آھ پنھنجو آکيرو،
بھار هاڻ چمن ۾ وريو، وريو نہ وريو.

۲. اوهانجي گھر ۾ مبارڪ چراغ چوڏاري
اسانجي گھر ۾ ڪو ديپڪ ٻريو، ٻريو نہ ٻريو.

۳. اوهانجي باغ ۾ ڦل ڦول شل رهن وڌندا،
اسانجو ڪوئي بہ ٻوٽو ڦريو، ڦريو نہ ڦريو.

۴. اوهانجا لوھ جا ٻيڙا وڏا بہ ترندائي،
اسانجو ڪاٺ جو ننڍڙو تريو، تريو نہ تريو.

۵. پلي تہ پياس ٻين جي ٻجھايو ڀريائين،
ڪٽورو خالي اسانجو ڀريو، ڀريو نہ ڀريو.

(۲)

منھنجي پي ٻُڌ اڙي ٻوڙا گھوڙا،
شرط کٽڻي اٿي پوڙھا گھوڙا

۱. جي جواني نہ، تہ پي جوت اَٿي،
تو هٽان ڪو نہ گپوڙا، گھوڙا.

۲. ڊوڙندي هِٽڪندي دشمن دهڪاءِ،
ڇڏ ٽُڏي راھ جا روڙا، گھوڙا.

۳. ڪٿي سفارش سان گڏھ گوءِ کٽي،
سمجھندين ڪو نہ هي ڪوڙا، گھوڙا.

۴. مار ڇهبڪ جي سدائين ڪائي
سست، مٽيءَ جا پنوڙا گھوڙا.

۵. ڪا ويلَ ويلَ نہ ورندي 'دلگير'
چو تُو ناحق ڪرين گھوڙا گھوڙا.

(۳)

سيني منھنجو ٿهڪ سچا
دل ۾ دک جو داغ نہ چا

۱. دنيا سان منھنجو هڪ نا
جڳ پيڙا ڪي مون آ ڳا

۲. دُک جو سُک تنھن مور نہ چا
پريت پيچ جنھن ناهي پا

۳. گلشن ۾ گھايل گل ٽڙن
جڻ مون پنھنجي دل کي پا

۴. جي چُپ آهيان، گونگو ڪون
سچ ٻولڻ سان مان وَڌ وا

۵. تنھنجي لاءِ 'دلگير' نہ گھا
جنھن قدرت سان کوليو ڪا

(۴)

پاڻ سان پاڻ اڪيلو آهيا
دل ۾ وينو کٽي ميلو آهيا

۱. چاهنائن جا ڪئين وڻ ڳ
جڻ تہ گھاٽو ڪوئي ٻيلو آهيا

۲. تون تہ اڄ ڪو نہ اچڻ وارو آ
چو اُٿيو آءٌ سويلو آهيا

۳. خود اچي ڏس تہ هتي ڪئن تو
مان سِٽي وينو جھميلو آهي

۴. هتي ايندين تہ تون ڏسندين 'دلگ
مان بہ هڪ ساٿ سُهيلو آهي

ari Dilgir
7 Maitri - 3A , Adipur - 370205

لڪشمڻ دُبي

ڏاڍو مشڪل هئو گذارو
ٽيٽو پيو سَڀَ جهڙو، يارو!

اداس چهرن جي پاڙي ۾
درپڻ ويلو آ ويچارو!

نَنڍڙو جهرڻو امرت - امرت
سمنڊ وڏو پر آهي کارو!

پکين ۾ جئن هنس نہ سيئي،
ماڻهن ۾ ڪو ڪو دِلوارو!

پکل انب جي شاخ شاخ تي
ڪانوَن جو هوندو لامارو!

مِلو مِلو ۽ ڏنگر - ڏنگر پڻ
جيون ماڪيءَ جو مانارو!

مايوسيءَ جو مٺڙ مٺڙ رسُ
ماٺيندو ڪو دردن وارو!

خواهشن جي چڪر ۾ سڀ پرپرو رهجي ويو،
خوب هلياسين تڏهن پڻ فاصلو رهجي ويو!

عارضي نالا، نشانيون، ويس سڀ مٽجي ويا،
دائما هڪ درد جو ڪو واسطو رهجي ويو!

بيوفا نظرون ڇڏي آيون مونکي هڪ رڃ ۾،
۽ عقيدي وٽ فقط جولو پتو رهجي ويو!

گم ٿيل ڪا شيءِ جئڪ ڳولهي هئي ساري عمر،
ديد کي ديدار جو هو ولوَلو رهجي ويو!

هو اُداسيءَ جي شڪر تي اِئن وڃي وينو جئڪ،
ڪنهن مسافر لاءِ سگندو آسرو رهجي ويو!

زندگيءَ جون سياه راهون تي پيون اُجريون-اَڇيون،
ڇا تہ تنهنجيءَ ياد جو هڪ ترورو رهجي ويو!

86/D, Guru Nanak Society
Thane (E)- 400 603

ڪوتا/واسديو موهي

سمجهاڻي

نہ پيڻ
سونو نہ آيو آهي
چٺي لکارائي موڪليمانس
ڏاڍو ياد ٿي ڪريان
لکيائين
دل سان لکيائين
هو بہ ڏاڍو ياد ٿو ڪري
سال ٿيا آهن
پر اچي نہ سگهندو
ڏاڍي گرمي آهي اُتي، ٻاهر ئي ڪو نہ نڪرن
ٻارن کي وئڪيشن آهي
لکيو اٿس
هاڻي هتي برساتيون هونديون
ٻار برسات تي هِريل ئي ڪونهن
بيمار ٿي پوندا

سچ آهي
اُتي کهڙي برسات
اَبهم ڪٿان سهي سگهندا

سونوءَ جي موڪل جمع آهي
پر ڪم سان ڏاڍو لڳاءُ اَٿس
نٽڍي هوندي کان
هر ڪم
چاهہ سان ڪرڻ تي هريل آهي
گرو وڏي حياتي ڏئيس

سلو ڪيئہ
بہ منت آئينءَ

ٽن ڏينهن کان
صفائيءَ واري ڪا نہ آئي آهي
جڏهن کان مون کٽ ورتي آهي
هوءَ ڏاڍيون موڪلون ٿي ڪري
ڪلهہ کان
ٽِفن واري بہ نہ آئي آهي
وري بہ شابس ڊاڪٽر کي
اڏ ڪلاڪ لاءِ
نرس موڪليائين

ٽن ڏينهن کان ڇوي
پُٽ کي گهرائي وٺ
پٽ کي گهرائي وٺ
نيٺ فون ڪرايائين
سونوءَ کي ٻڌايم
پر شايد فون خراب هو
آواز ئي نہ سمجهي

وڪيءَ رنڪو وڏا ٿيا هوندا
ڪَنهنتي ويا آهن
ڏاڍي دل آهي ڏسڻ جي ... سور وڌي ويو آهـ
هڪ ڪم ڪنديٖنءَ پيڻ
سونوءَ جو فون
لڳائي ڏينديٖنءَ
ٿي سگهي ٿو
هنجو فون
نهي ويو هجي.

A-355, Nayannagar,
sahijpur Bogha,
AHMEDABAD- 382345

مهيش نيٽواڻي

...ڪارن جي زندگي

ڪِري - پر هئڻ
ڏيان چڪي ٿو
ن سالن کان لکان ٿو

ڪوتائن ڏانهن
ٽو!

ريڪانت، ڱنو، ڪلپنا،
ندر کي، آنچل کي، اندر پوچواڻيءَ کي
جن سالن پر ئي
ڏيو!
امانيہ زندگي جيئن هان
نہ جيئن هان؟

هنجي
جيون تي
ندا آهن!
ئجي چوندو آهيان
ي
ا آهن .....'
ا آهن
يئڻ؟'

گير، ڪٽواڻي،
وپٽي، حاسد، پارتي، واسواڻي
هوندا، ڪڏهن نہ ڪڏهن، قوم
قدر ڪندي

ہ قدر ڪرڻ لاءِ
ي 'ٽرمپ' کي
يو

موت

دنيا اسان کي
جيڪو ڏنو آ
ڇا اُهو ئي ماڻهن کي
موٽائڻو آهي؟
ناريل جو وڻ
سمنڊ جي کاري پاڻيءَ سان
وڏو ٿيو
پر جڏهن ناريل ڏنائين
تہ اُنجي پاڻيءَ ۾
سمنڊ جو سواد تہ آهي
پر گڏو- گڏ
پنهنجي مناس بہ اَٿس

تنهنجو، توکي ئي ڪرڻو آ

ڱُهٽو،
کائيندو رهيو ڪٽڪ
۽ ٿاهيندو رهيو اَنو!

سوچڻ لڳو
جڏهن چڪي پيهندي ڪٽڪ
تہ اُنکي اَنو
ويني - ويني ملندو!

پر جڏهن
چڪيءَ اَنو پينو
تہ اُنکي
موت اَچي ويو
تنهنجو توکي ئي
ڪرڻو آ

Nabi baug, Berasia Road,
Bhopal- 462 038

غزل/ڏيولڻ راهي

رُڃ جو تي چِڪي اچا تائين
اُڃ جو تي وڌي اچا تائين!

١. سَمُنڊَ پياسو رکيو آ سالن کان
ياد صحرا پوي اچا تائين!

٢. سونُ لُٽجي ويو جوانيءَ جو
پو بہ چاندي وٽي اچا تائين!

٣. ڪين واپس وريا، ويا جيڪي
چو نٿي دل مڃي اچا تائين!

٤. ياد ناهي وفا جفا ڪنهنجي
زخم جو تو ڪُري اچا تائين

٥. راس مونکي اچي ويو سناٽو
پو بہ جڳ کو سڏي اچا تائين!

٦. سال اڳ ڪنهن سڏيو هو قربن مان
تو پڙاڏو اچي اچا تائين!

٧. لوڪُ فنڪار کي ايامن کان
چو تو پاڳل چوي اچا تائين!

٨. تي چڪو هونءَ تہ آ غزل پورو
ڪجھ اڌورو لڳي اچا تائين!

٩. سال تي ويا وطن بدر ٿيندي
روح 'راهي' رڙي اچا تائين!

6, Sawar House
Srinagar Road,
Ajmer - 305 008

ڪوتا/چيتنو گرگلاڻي

جو باقي رهيو سو ڪنهنجو

ڇا ڇا نہ ڏنئہ
ڇا ڇا نہ ڇنئہ

جو پاڻ پتوڙڻ سان نہ مليو
تو اُپ مان منهنجي جهول وڌو

ڪجھ ڪائي پي مون ختم ڪيو
ڪجھ پنهنجا پراوا ڦري ويا

ڪجھ پنهنجي دل سان دان ڪيم
پر پوءِ بہ باقي سڀ ڪجھ آ

جو دان ڪيم سو جمع ٿي ويو
جو باقي رهيو سو ڪنهنجو آ؟

جذباتن جو اروڙي

مان تہ هڪ ارُوڙي آهيان
جنهن تي هرهڪ پنهنجو جذباتي
ڪچرو ڦٽو ڪرڻ پنهنجو
قديمي حق ٿو سمجهي

ڪچرو پاڻ تي برداشت ڪرڻ
اروڙيءَ جو ڌرم آهي
اروڙين جو سڙيل ڪچرو
ڇانيو بڻجي ويندو آهي

ڪاش مونتي ڦٽو ڪيل ڪچرو
سڙي ڪڙهي ڇانيو بڻجي
منهنجي روحاني پوک کي وڌائي
جئن دکايل اُن پوک جو لابارو لُڻن

Madhuri, Plot NO 187,
Road NO 13, Jubilee Hills.
Hyderabad - 500 033

ڏُڏُ

ٽيئٽر! ننڍڙو ننڍڙو ٽئيٽر!
ر، هيلان يا ملان پنهنجو گهر!
لڳو لڳ گهر!
ڳو لڳ ٽئيٽر!

انڪي توهين لڇمڻ جو سپنو چئي سگهو ٿا.
مڻ اِنڪي سپنو مڃڻ لاءِ تيار نہ آهي. اِهو
ءِ ممڪن آهي. ٽيهہ سال ٽئيٽر ڪندي
ي لڇمڻ جي جڳهہ تي 'پائو' نالو ڪيئن اَچي
ا ڪيس بہ خبر نہ آهي. ڪيترن نون
رن يا رنگ - پريمين ڪي سندس اَصلي نالي
ڻو گهڻو پوءِ خبر پوندي هئي يا پوندي ئي
هئي. هرهنڌ ڪيس پائو ڪري ڄاتو سڃاتو
هو. پائو ٽيهن سالن جي آزمودي مان اِن
تي پهتو هو تہ ڪيس هڪ پنهنجو ٿئيٽر
پي. پاسي ۾ گهر هجڻ کپي. جئن سندس
ان چوويهہ ڪلاڪن جو سمپرڪ رهندو اَچي.
ن ادائي سالن کان پائوءَ اِنڪي هڪ 'ٻج'
مجهيو هو جنهنجو وقت ايندي سَلو ٿي
ي هو. سندس ذهن - جذبي اَندر ٻج هر
ڪندو رهندو هو!

س ڪڏهن ڪڏهن ٻج جي چمڪڻ سان
وڻ ۽ ڏڏَ جي ڳالهہ ياد ايندي هئي. هڪ
ي اڱڻ ۾ هڪ پپل جو وڻ هو. هوُ اُن
هو. ڦُن چپچاپ روز زمين اندر ويل ڦڙ
جي پاسن کان ڏُڏُ وجهڻ شروع ڪيو. مهيني ڪن بعد وڻ سڪندو آخر ٺوٺ ٿي ويو! خبر نہ ڇو اِها ڳالهہ ياد ايندي آهي. اِئين ناهي تہ هوُ اِن ڳالهہ جو سنبنڌ سمجهي نٿي سگهيو. پر جئن ئي هوُ سوچيل سنبنڌ کي ياد ڪندو هو سندس اندر نراسائي ڀريل بي چئني شروع ٿي ويندي هئي!

پائوءَ وَسنوَ واري سڄي ايراضي ڇاڻي ماري هئي. ڏانوَ وارو ڪو بہ پلاٽ خالي نہ هو. پراڻين بئرڪن وارو مڪان ولي، ڍهرائي وري لهرائڻ ۾ ٻيون تڪليفون هيوُن. بئرڪون وسنوَ ۾ ڳُتيل هيون. ڪن هنڌ اڱهہ تمام وڏا. ڪن پاڙن ٿئيٽر لاءِ اَعتراض پئي ورتو. هڪ ٻن پاڙن ماڻُ - پيڻ - ڏيءُ جي چنتا ظاهر ڪئي. جت رات جو گهرن ۾ شراب ڪلندو آهي! محفل ڄمندي آهي! ڪنهن بلڊنگ جي ٻُهري ۾ ٿئيٽر جوڙڻ ممڪن هو تہ گهر نہ پئي مليو. گذريل مهني وَسنوَ کان ٿورو پري پائوءَ پلاٽ ڏٺا هئا. ٻڌو هئائين اُتي بنگلا ٺهي رهيا آهن. اَڱهہ ڏاڍا وڏا آهن. پوءِ بہ دلال سان ملي آيو هو. اَڱهہ تہ سيني شين جا ڪِريا آهن. ڪيس جنهن اڱهہ جي خبر پئي، لڳو تہ اِتي ٿئيٽر-گهر ممڪن ٿي سگهي ٿو. اِن سلسلي ۾ ئي آرتوار جو صبح ڏهين بجي هيام لعل جي دوڪان تي گڏجڻ طيءِ ٿيو هو. اُتان هو سيٺ دوارڪاداس جي گهر پهچڻا هئا. لڇمڻ وٽ صبح جو نوين بجي ئي

پريم پرڪاش

پورو نالو : پريم سنتسنگهه مينسنگهاڻي ’پرڪاش‘
جنم : ٢ آگسٽ ١٩٤٦
جنم استان : حيدرآباد (سنڌ)
پيشو : ايل. آءِ. سي. ۾ ملازم.

رچنا ٽماهيءَ جو ١٩٧٩ کان ١٩٩٨ تائين سهه سمپاد
ڪويتا ٻماهي جو اڳوٽو سهه سمپادڪ
سنڌي ڊراما ورڪشاپ احمدآباد (١٩٧٦) جو سنسٿاپڪ

چپيل ڪتاب :
اصلوڪا

پڪنڪ (ناٽڪ)	١٩٧٤
وليَن (٣ ڪهاڻيون)	١٩٧٦
مورچابندي (وڏو ايڪانڪي ناٽڪ)	١٩٧٩
پيريءَ جو عشق (١٥ ناٽڪ)	١٩٨٢
فرشتن جي دنيا (ٽه فصلو ناٽڪ)	١٩٨٢
باه (٥ ناٽڪ)	١٩٨٥
ڪوتا (تنقيد)	١٩٨٨
ڪهاڻي (تنقيد)	١٩٨٩
مڪتي (ناٽڪ)	
سنڌي ناٽڪ جي اوسر (مقالو)	١٩٩٣
ويه (٢٠ ڪهاڻيون)	١٩٩٤
ڀڳت (ڪوتا)	١٩٩٧

ترجما : گجراتي ايڪانڪي (١٣ ناٽڪ) ١٩٨٠
انعام : اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا طرفان سال ١٩٩٩ لاءِ ساهتڪ انعام.

سرنامو :
D/64/1017-1018,
Post office Krishnanagar,
Ahmedabad - 382346

جن ڏڏن کن ڪلاڪارن ۽ مونکان سواءِ ٻيو
ڪو نہ هوندو!

اَڃا گذريل هفتي ئي شيام لعل ڀائوءَ کي
وهاري ڪافي سنجيده ٿي صلاح ڏني هئي،
ٿ نہ ٿي ٿُ. گهر جا پئسا نہ ڪڍ. ۽ ايترن پئسن
ڍنگ جو گهر لهندو ۽ نہ ٿئيٽر. وري رنگ
رنگ خرچ ڪيئن ڪڍندين؟ تون هڪ سنسٿا
رجسٽر ڪراءِ. سرڪار سان لکپڙهہ ڪري ڪو
هٽ ڪر. ٿئيٽر جو نقشو تيار ڪرائي، سؤ
هيون ڪڍاءِ. ڪمن جو هڪ بروشر ڪڍ. جئن
خواهن ۽ الڳ الڳ ملڪن جي سيٺين کي
ڪرڻ وقت روبرو ۽ لٽريچر ڏئي ڪانئُن ٿئيٽر
ڻ لاءِ مالي مدد وٺي سگهجي. هونءَ نہ
جو گهر لهندو نہ ٿئيٽر. مرڻ سان اِهو سپنو
ان گڏ کڻي ويندين!‘

ڀائوءَ کلي ڪري اِهي ڳالهيون ٽاري ڇڏيون
ٻوءِ ٿئيٽر ڪڏهن ڪونہ ٺهي سگهندو. ڪٿي
ن جو پنهنجو ٿئيٽر آهي؟ ننڍو ئي سهي؟
صرف ناٽڪ ٿيندو هجي. ناٽڪ جي ترقي
هجي؟ ناٽڪ جي شئلين جي ۽ ٻي کوج
هجي؟ ۽ تنهنجي رٿا سان رقم گڏ ڪري
جڙي بہ ويو تہ اُن ۾ خود مُختيار ٿي
ناٽڪ ڪري ڪو نہ سگهبو. اِهو ٿئيٽر
جي حوالي ٿي ويندو. پس پيش اِهو شاديءَ
لين ۽ خانگي ٻئلڪن حوالي ٿي ويندو. ڀائو
ر بعد سهج ٿيو، ’ڏس يار شيام، مڪان
هونءَ ئي جوڙائڻ لاءِ پلاٽ وٺان ٿو، سڄي
۾ منهنجي ۽ پتنيءَ جي جيڪا رقم جڙي
ان گهر لهي ويندو ۽ سؤ ماڻهو ويهي سگهن

اهڙو سادو هال بہ لهي ويندو. اِهو جيڪو سؤ جو
درشڪ هوندو اُهو ناٽڪن جو چاهڪ هوندو. ضرور
ٽڪيٽ وٺندو. خرچ نڪرندو رهندو ۽ ڏيري ڏيري
صحيح ناٽڪ جو صحيح درشڪ وڌندو ويندو.‘

جيتوڻيڪ اِها ڳالهہ ناممڪن ڪو نہ آهي پر
شيام اِن سوچ بعد اُداسيءَ ۾ اچي ويو. هُن ماڻهن
جي سوچ ۽ جذبي ٿي نہ ڳالهائي ٻيءَ طرح ڀائوءَ
کي سمجهائڻ چاهيو، اَڄ ٽي. وي، ويڊيو،
ڪامپيوٽر، فئڪس، اِي. ميل، سي.ڊي،
انٽرنيٽ، ويب سائيٽ وغيره نهايت تيزيءَ سان
اَسانجي زندگيءَ ۾ اچي رهيا آهن. اِنهن سان
فرد جو جڙاءُ اَٽلُ ۽ ضروري آهي.

بلڪل ضروري آهي ۽ رهڻ بہ کپي، ڀائوءَ
اهو سويڪارڻ بعد بہ ڪجهہ جوڙڻ چاهيو، اِنساني
سنسڪرتيءَ جو چوڙ جت بہ وڃي پهچندو، يا ائين
بدلاءُ ۽ بدلاءُ هلندو ايندو، اُن وقت دنيا ۽ فرد جو
روپ آڪار ڪهڙو هوندو، مون هن کي آئينده جي
لاءِ ڇڏي ڏنو آهي. اِهو بہ لڳي ٿو تہ اَڄ اِنهن سببن
ڪري ناٽڪ ختم ٿي رهيو آهي. اِئين تہ ساهت
بہ روپ بدلائي رهيو آهي. صدين کان ناٽڪ آڏو
گهڻائي چئلينجز آيا پر بار بار اُهو زندهہ ٿيو آهي.
ٿيندو رهيو آهي. الڳ الڳ ناٽڪي روپن ۾.
ناٽڪي اِظهارن ۾، جيسين اِنساني دکن - خوشين
جي اِظهار جو سلسلو جاري آهي ۽ فرد اَندر قدرتي
ڀاوَ مُئا نہ آهن، ناٽڪ ۽ ساهت زنده رهندا ايندا!

’ڀائو، اڳ تون اَلڳہ الڳہ شهرن ۾ ناٽڪ کڻي
ويندو هئين ۽ هاڻ؟ تنهنجي لڳن ۽ سمرپڻ جو
ڀاوَ اڄ بہ جيئن جو تيئن قائم آهي. پر ....‘
’شيام، اِئين تہ پنهنجي شهر ۾ بہ شو ڪرڻ

پهچي ويو هو. شيام لعل ڀائوءَ جو سالن کان دوست هو ۽ سماجڪ ساهتڪ ڪلا جي شيوا ڪارين ڪري شهر سڄي ۾ همدردانه ڄاتل نالو هو. شيام لعل لڇمڻ جي ناٽڪن جا ڪتاب ڇپايا آهن ۽ ڪيترن ناٽڪن جا شو ڪرايا آهن. شيام لعل پهريون دفعو لڇمڻ جي ڪنهن ناٽڪ جي ريهرسل ڏسڻ آيو هو. لڇمڻ جي ڪم ڪرڻ جي ريت، اَداڪارن منجهان ڪردار موجب اداڪاري ڪرائڻ جي سهج ۽ اَثردار طريقي، قوم جي مسئلن آسپاس بيهاريل وشيه-پلاٽ ۽ ناٽڪ ڪلا طرف سنجيده رخ ڪري شيام لعل هُن جي ويجهو ايندو ويو هو. ڀائو ناٽڪ ڪلا ۾ ڪو به سمجهوتو پسند نه ڪندو هو. ڪلاڪارن کي اداڪاري فن سمجهائيندي ۽ هردفعي اُتساهت ڪندي، پوريءَ طرح رهرسلون ڪرائيندو هو. سيٽ، سامان، لائيٽنگ، وسترڪاري، ميڪ اَپ وغيره هر ڳالهه ۾ صرفو ڪيل هوندو هو. اِئين لڳي جڻ اِها ته ناٽڪ جي ضرورت آهي. گهٽي رنگارنگي سينگار کان بچڻ لازمي آهي. ڀائوءَ جو گهڻو زور ناٽڪي ڪلا پکش سان ناٽڪ ماڻڻ جي صحتمند رخ تي هوندو هو. سادگي ضرورت هئي. اِنڪري ناٽڪ جي شو تي خرچ گهٽ ايندو هو. شيام لعل اِها ڳالهه ڏاڍي پسند ڪندو هو. پر ڪيس اِها به خبر آهي ته ڀائوءَ جو سوچ وهنوار ڪيترن کي سمجهه ۾ ڪو نه ايندو آهي. پر هوُ هڪ الڳ، عجيب پر واجب بندو آهي. ساهت ۽ ناٽڪ ڪلا کي لڳل گُهڻو آهي. شروعاتي ڪئين سال ڪشمڪش جا رهيا. هڪ اِسڪول جي مئدان واري ٿلهي تي رهرسلون ٿينديون هيون. تنهن بعد هئي اِسڪول جي پڌر ۾ ڪندو آهي. نه پنکو، نه ڪرسيون، نه فراس، نه بجلي ....

اڄڪلهه فائينل رهرسل محل ٿن ڪلاڪن لاءِ ا...
سؤ خرچي لنڊو هال ولندو آهي. ٿئيٽر لڇمڻ...
هڪ نشو آهي ! هرهڪ پلاٽ هن لاءِ هڪ...
زندگي هوندي آهي. ڪردارن کي اداڪار...
تي ڏڙڪندڙ بڻائيندا آهن. هڪ زنده ساهه ڪ...
زندگي ۽ ڪردار، جنهنکي درشڪ ڇُهڻ چاه...
اُنجو حصو بڻجي وڃن! ڀائو اِنهن ڪردارن...
قطرو قطرو، پل پل رهرسلن دوران تراشيندو ۽...
تراشيندو آهي. هڪ شو بعد بئي شو لاءِ تراش...
آهي. وري تراشيندو آهي. سڄو وقت ڪردار...
اندر جيئندا آهن. هوُ اُنهن اندر جيئندو آ...
ڪلاڪارن کي اِنهن زنده ڪردارن جي ويجه...
اچا ويجهو آڻڻ جو هوُ ڪم ڪندو رهندو آهي...
۽ سندس ڪلاڪار جڏهن به منچ تي ناٽڪ ڪ...
هوندا آهن، تڏهن هن جي من دماغ ۾ درش...
جو انداز نه هوندو آهي. رت ۾ مليل ڪردار ه...
آهي، جنهنکي هوُ منچ ٿي جيئندا آهن.

ڀائو جيترو ڪردارن کي ڀائيندو آ...
ڪلاڪارن کي ڀائيندو آهي، اوترو سوسائٽيءَ...
ماڻهن کي ڪو نه ڀائيندو آهي. سندس وه...
اجنبي هوندو آهي. نه اُٿ ويهه نه ايڏي اچ...
جڻ هميشه دور ڏور پيو پڄندو. هڪ ته شوخ،...
سنڪي. غنيمت آهي ته اَڏ مغزي يا بد مزا...
آهي. سوچ ۽ تناءَ ۾ رهندڙ هيءُ پراڻي ڪ...
سهج به ٿيندو هوندو، شايد! هميشه ط...
ڳالهائيندو. عجب لڳندو آهي، هيءُ ماڻهو ت...
به ڏيندو آهي! شيام لعل کيس هميشه چوندو...
نه ڀائي ڪجهه ته سماجڪ پراڻي ٿيءُ. ماڻهن...
پنهنجي سڃاڻپ ڏي. نه ته تنهنجي سَرَ...

ريدار ڳالھ ٻڌائي ٿي، ’ھڪ، ٻن سؤن واري
ٿيٽر ۾ ھو رکيو ھوسين. سرڪار ڪرسيون
ويئي، اِھا خبر ھو واري ڏينھن صبوح جو
اسان گاديلا گھرايا ھئا ....‘ ۽ ھيام ڳالھ
ڪندي چيو، ’اَڌ ڪان وڏيڪ درشڪ دروازي
ي گاديلا ڏسي واپس ھلي ويا ھئا.‘ ڀائوءَ ڳالھ
ڪندي چيو، ’صرف ڪي واقف ۽ ڪلاڪارن
ڻٽ وچي ٻچيا ھئا! گجراتي، مرھٽي،
ي ۽ دھليءَ جي شريرام سينٽر جي مني
۾ درشڪ فراس تي ويھي بہ ناٽڪ ڏسندا
شيام ٽھڪ ڏيندي چيو، ’اُھي ٽڪيٽ ولي
آھن!‘

لڇمڻ ڏلو تہ دوارڪاداس ھايد لنبي پوچا
آھي، اِنڪري ھو شيام کي ھڪ مرھٽي
ڪٽر جي ڳالھ ٻڌائي ولي. ’شيام، اڪاڊميءَ
رفان چئن ٻولين جي ناٽڪ ورڪشاپ تي
رھٽي نؤجوان سان ملاقات ٿي ھئي. تن
ي ھن ڪجھ ناٽڪ لکيا بہ ھئا ۽ منچ تي
ھئا. پر ھوُ پونا ۾ پنھنجي لاءِ ھڪ گھٽ
انٽيميٽ - ٿئيٽر جي تلاش ڪري رھيو
ي سالن بعد منھنجو پونا وڃڻ ٿيو. رات جو
ڪول ۾ ناٽڪ ڏسڻ جي نينڊ ملي ھئي.
ڪار اُھو ئي مرھٽي نؤجوان ستيش آليڪر
ي اڌ ڪلاڪ اڳ وچي پھتس. اِسڪول جو
و پرارٿنا ھال ھو. جنھنکي ھوُ ھر ڇنڇر
لاءِ ڊراما ٿئيٽر بڻائي ڇڏيندا ھئا. ساڄئي
تي ھڪ پاسي منچ ۽ ٻئي پاسي فراس
شڪن لاءِ ويھڻ جي جڳھ. اَڍائي ٽي سو
ھي سگھي. ڇت کان ٿورو ھيٺ ٻن لوھي

پائيپن تي سيني قسمن جون لائيٽس ھميشہ لاءِ
فٽ ڪيل ۽ اِنھن جا بلڻ ۽ ڊمرس ھڪ ميز نما
پيٽيءَ اندر، جنھنکي تالو ڏئي بند ڪري
سگھجي. وچين پردي جي بہ ويوسٿا ٿيل، ناٽڪ
جو ستر ڪن شو ھو. ڏسندي ڏسندي ٽڪيٽون وٺي
بہ سوَ کن درشڪ اَچي گڏ ٿيا. ناٽڪ پوري ٿيڻ
کانپوءِ ناٽڪ تي چرچا پڻ ٿي. ڪلاڪار ھدايتڪار
۽ ٻيا حاضر رھيا. ڪن درشڪن مان ڳالھايو ڪن
سوال ڪيا! لڳ ڀڳ ناٽڪ جي ھر پھلوءَ تي ڳالھايو
ويو! ستيش ٻڌايو تہ اِھو ھر شو بعد اِئين ھت ٿيندو
آھي! آرتوار رات جو شو ڪرڻ بعد ھيءُ ھال وري
پرارٿنا ھال ۾ تبديل ڪري اِسڪول کي ڏنو ويندو
آھي. مھيني جي مسواڙ ڏيڍ سؤ. بجلي خرچ الڳ.
ستيش ٻڌايو سندس ناٽڪ تي ئي آجيوڪا آھي!
ڪلاڪار پروفيشنل جيان ئي ڪم ڪندا آھن.
ٽڪيٽن جا ريٽ اَلبت طيءَ ھوندا آھن. اِنھن لاءِ
يونين آھي، سيني ناٽڪ گروپ جي گڏيل! مون
ھميشہ پيور - ٿئيٽر ڪيو آھي. مون پنھنجي نئين
ناٽڪ شئلي مرھٽي ناٽڪ ۾ جوڙي آھي. ھن وقت
منھنجا اَٺ ناٽڪ تيار آھن! شيام ڀائو، اڄ ستيش
آليڪر نئشنل نالو آھي! پھچان آھي!‘

’۽ ھت توکي ھڪ ’ڪلاس بہ زھرسل لاءِ
نصيب نہ آھي! ھڪ دفعي اِسڪول جي پڌر ۾
صرف پنج منٽ کن رھرسل ۾ بئڪ گرائونڊ
ميوزڪ ھلايو ھوسين! خزانچي اَچي پھتو! رھرسل
ھميشہ لاءِ بند ٿي ويئي! ھيام ڀائو، اِھو ڪنھن
ڪنھن کي سمجھائجي تہ اِھو جاتيءَ جي
سانسڪرتڪ اوُج لاءِ ھڪ لازمي جزو آھي! جڏھن
ٻوليءَ جو واھپو صرف ڳالھائڻ تائين محدود ٿي

ڏکيو ٿيندو پيو وڃي، پر مان اُداس نہ آهيان ....'

وچ ۾ ڪٽيندي شيام چيو، 'اِهو سچ نہ آهي. هن شهر ۾ شو رکڻ ڏکيو ڪونهي. تون سال ۾ جيترا ناٽڪ ڪرڻ چاهين، مان شو ڪرڻ ۽ ڪرائڻ لاءِ ويٺو آهيان، پر ناٽڪ گروپ ڪٿي آهن؟ ناٽڪ ڪٿي آهن؟'

'تون سچ ٿو چوين شيام،' ڀائوءَ کي احساس ٿيو: 'مان پنهنجي گروپ کي ڪلا تہ ڏئي سگهيو آهيان پر اُن لاءِ مارڪيٽ ڪڙو نہ ڪري سگهيو آهيان. اِها منهنجي ڪمزوري ڪري سمجهڻ شايد غلط ٿيندو. پر مان اڄڪلهہ سوچيندو آهيان، فرد اڄ شاهوڪار آهي، سندس ڪلا پهلوُ غريب آهي! اِهو بہ ڇاتو اَٿم تہ درشڪ هر شهر ۾ آهي جيڪو سنجيده ناٽڪ ماڻي ٿو. صرف اُنهن تائين اسان وٽ پهچ جا وسيلا نہ آهن. اُنهن ۾ وشواس جاڳائي عادت وجهڻ ضروري آهي. ٽڪيٽون وٺي ناٽڪ ڏسندڙ درشڪ ڪانسواءِ ناٽڪ جي ترقي ممڪن نہ آهي. مفت ۾ ڏسندڙن کي خبر آهي تہ گروپ کي ڪنهن سيٺ رقم ڏني هوندي يا هُنن اِشتهار وٺي سوينئر ڪڍيو هوندو.'

شيام جي چهري تي شرارت اُڀري آئي، 'ٻين ملڪن ۾ 'ڊرنڪ - ڊنر فري' سان گڏ سنگيت يا ناٽڪ پروگرام بہ چالو هوندو آهي. هنگامامير سنگيت مهل ڳالهہ سمجهہ ۾ اَچي ٿي. ٻين ٻولين ۾ اِئين ڪو نہ ٿيندو آهي، جيتري مونکي خبر آهي! تون پنهنجا ناٽڪ اِئين ڏيکارڻ پسند ڪندين؟'

'اِنهن کي سماجڪ - گڏجاڻيون ڪري ڪٺڻ ڪپي. اِتي ڪلا جي ڳالهہ ڪرڻ فضول آهي،' اَڇا

بہ ڀائوءَ اِنکي ٽاريندي چيو، 'ماڊرنٽي جي
۾ سڀ هلي!'

بہ ڇانهيون پيئڻ تائين ڀائو ۽ شيام
هُتان جون ڳالهيون ڪندا رهيا هئا، اَڇا هن
اَڌ ڪلاڪ باقي هو! ڀائوءَ جي چوڻ تي شيام
گهرائڻ جي ضد کان باز آيو. شيام پڇيو، '
سيٺ وٽ وٺي ٿو هلين، مونکي ڇا ڪرڻو آ
ڀائوءَ ذرا مذاق ڪندي چيو، 'اسين اِئين
نہ چونداسين تہ 'سيٺ، توهين پنهنجو هي
سرڳواسي ڏاڏي، ڏاڏيءَ، پيءُ، ماءُ جي
ڪرائي دان ۾ ڏيو. اَسين توهانجي چوڻ
اُن نالي تي ٿئيٽر جو نالو رکنداسين. پر
سيٺ آهي وڏيءَ عمر جو، اَڇا ڪهڙا عزيز
اَٿس؟' مختصر ڪل بعد وري ڳالهائڻ
رکيائين، 'سيٺ دوارڪاداس سان تنهنجو ب
ويهڻ آهي. تون صرف پلاٽ واجبي اگهہ تي
ڏيڻ ۾ مدد ڪر. جيئن گهر ۽ ٿئيٽر منه
بجيٽ اندر ٺهن.'

ٻئي پوري وقت تي دوارڪاداس جي
تي پهچي ويا. ٻئنڪ ۾ ڪين وهاري چيو وي
پوڄا ڪري رهيا آهن!' لڇمڻ ٻئنڪ جي
ويکر ڏسڻ لڳو، شيام اُنجو ٺاٽ! شيام ٻڌايو
بنگلو سٺ لکن ۾ وڪامي رهيو آهي.' لڇم
اِن ڳالهہ ڏانهن ڌيان ڪو نہ هو. هن ٻئنڪ
اسي پلاسٽڪ جون ڪرسيون اچي سگهن
منجهہ لاءِ ڪافي جڳهہ ڇڏي! هت رهر
ميٽينگون بہ ڪري سگهجن ٿيون. شيام ج
طنزي هئي، ڇا درشڪ پلاسٽڪ جي ڪرس
هيٺ گاديلن تي ويهڻ پسند ڪندا؟ 'ٻڌ تہ،

بنگلي کان ٻاهر ڀڄي شيام لعل پاڻوءَ کان
'ڇا ويچار آهي؟ حلق جو ڪو مطلب ته نه
وري به چڪر هڻي ٿا اچون. سيٺ
اداس اِهو به ته ڇيو متان ڪنهن ٻئي کي
ڪسا ڪپندا هجن ۽ سؤدو ڏهين ٻارهين جي
لي وڃي! شيام تڏهن به ڪم بجيٽ اندر
جي ڪيس ياد ڏياري، سيٺ ٻه سال اڳ
سؤ روپيه وال جي حساب سان پلاٽ ورتو
ني چار سؤ وال جا ٿي لک ويهه هزار ٿيا.'
... شيام کي ياد آيو سيٺ تيرهين لکين
ڳهيون ٿو ڏي، ڇهن ڇهن رومن واريون ۽
ؤ وال پلاٽ پڻ. ٻه ٻه روم انڊر گرائونڊ آهن.
ي لڳو، اِها سوسائٽي فيل ويئي آهي جو
رومن ۾ پاٽي پرچي ٿو وڃي ته اِها سيٺ
لالڪي آهي! پستا ڪافي مهانگا پوڻ وارا
ڇمڻ پستا رستي تي ئي ڪُتي اڳيان ڦٽا

بنگلي ۾ اندر ٿيهارو ڪن ماڻهو هئا. وبهارو
ن ايراضيءَ جا سيلپا. ٻه سيٽيون وڇايل
و باقي پلاسٽڪ جون ڪرسيون. سيئي گول
هي ويٺا هئا. وچ ۾ ٻه ڄڻا نچي رهيا هئا.
ي وچير هڪ نهايت ئي سهڻو معصوم ڇهن
ن جو گول متول ڳاڙهو ٻار نچي رهيو
ڇو پهراءُ به ڪافي خوبصورت هو. وچ وچ
را پيارا ٺهڪ ڏئي رهيو هو. سيئي تاڙيون
هيا هئا. ٻار کي اُتساهه ڏيڻ جي ڀعاني
کي تيار ڪري رهيا هئا. پاسي کان پيل
تي رکيل ٿالهيءَ ۾ پوڄا جو سامان هو.
ڏيئو ٻري رهيا هئا. پاسن کان کلون لڳل

ست اَن ناريل پيا هئا. ٿوري بعد ٻن ڄڻن نچڻ بند ڪيو. ٻار کي بيهاري سندس ئي ٻنهي هٿن ۾، سندس ئي ڀرت جون ڪندون ڏئي پلئہ پائڻ لاءِ تيار ڪيو. پاڻ به پلئہ پائڻ لاءِ تيار ٿيا. بنگلي اندر جا سيئي ماڻهو پلئہ پائڻ لڳا. وچ ۾ بيٺل هڪ ڄڻي بيبوءَ کي چيو، 'ڇئہ ڇئہ هني پُٽ، ڇئہ، ڇئہ جهوليلعل!' 'ڇئہ جهوليلعل' ٻار چيو. وچ وارو ستون پڇي بيبوءَ کان چوارائيندو ٿي ويو ۽ 'جيڪو چوندو .... جيڪو چوندو ....، جهوليلعل .... جهوليلعل، تنهنجا ٿيندا .... تنهنجا ٿيندا، ٻيڙا پار .... ٻيڙا پار! مهني اندر ... مهني اندر، ڪرشن پارڪ .... ڪرشن پارڪ، پلاٽن جا اڳهه .... پلاٽن جا اڳهه، ٻيٽا ٿين ... ٻيٽا ٿين، ٽيٽا ٿين ... ٽيٽا ٿين، اسين هرهفتي .... اسين هرهفتي، پنجويهه ناريل ... پنجويهه ناريل، ڏهه ڪلو پيڙا .... ڏهه ڪلو پيڙا، ارپڻ ڪنداسين ... اَرپڻ ڪنداسين! ۽ جلدئي ... جلدئي، ڪرشن پارڪ ... ڪرشن پارڪ، پلاٽن وڇير .... پلاٽن وڇير، جهوليلعل .... جهوليلعل، ڪرشن .... ڪرشن، گرو نانڪ ... گرو نانڪ، شو شنڪر ... شو شنڪر، درگا ماتا .... درگا ماتا، لڪشمي ما .... لڪشمي ما، ۽ ٻين ديوتائن جو .... ٻين ديوتائن جو، شاهي .... شاهي، مندر نهرائينداسين .... نهرائينداسين! سيئي چئو - جهوليلعل!' هڪ ئي مهل اَٺ ناريل ٽوڙيا ويا. اِن وچ ۾ دوارڪاداس سيٺ پهچي ويو هو!

ڏسندي ڏسندي پرساد کائي پلئہ پائڻ وارا ويهارو کن سيليون ڪرسيون لڳائي، پنجن پنجن، ڇهن ڇهن جي گروپ ۾ ورهائجي ويا. ۽ هڪ ئي

ويو آهي!'

ڪجھ خشڪ آواز ۾ پائوُ شيام جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺي چوندو رهيو، 'گذريل ٽيهن سالن ۾ ڪئين ڪلاڪار سِڪي نڪتا آهن، پر هڪ بہ واپس ڪو نہ آيو آهي. شايد اُهي ڏينهن هنن جي شوق جا هئا، فرصت جا هئا، بي روزگاريءَ جا هئا، پاڻ کي منچ تي ڏيکارڻ جا هئا. ها، ناٽڪ ڪرڻ سان سندن روزگار شامل نہ هو. پر ڪجھ ڪلاڪار سچ پچ سنجيده ۽ سمرپت هئا. ناٽڪ ۽ اداڪاريءَ جو اوجل آئينده ڏسي سگهجي! جئن ئي مائٽن جي ڏنڏن تي چڙهيا نوڪريون ڪيائون واپس ڪو نہ آيا. هاڻ مون اهڙي اوجل آئينده جو تصور ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي. ڪجھ ڏوھ ڪلاڪارن جو آهي. پر بنيادي ڪارڻ ماحول جي نہ هجڻ جو آهي، جيڪو ڪلا ۽ ڪلاڪار جي ساڌنا لاءِ لازمي هوندو آهي.'

دوارڪاداس جي پوڄا گهر ۾ گهنٽي وڄڻ لڳي. آرتي شروع ٿي هوندي. پيڙن ناريل بوندي وغيره جو گڏيل پرساد آيو. پنيان پنيان سيٺ آيو. اکيون اڌ ٻوٽيل، اَڇو پهراوُ. مٿي وارو رومال هن کيسي حوالي ڪيو. مٿي تي تلڪ رهڻ ڏنائين. هٿ جوڙي نمسڪار وغيره ٿيو. سندس ويهڻ جو آسن الڳ هو. اُن جي ٽن پاسن کان ملاقاتين جي ويهڻ جو آرامدايڪ بندوبست هو. هوُ اُت ئي ويٺل هئا. لائيٽون چالو ٿيون. ايئرڪنڊيشن جي ٿڌي هوا اچڻ لڳي! لڇمڻ سوچڻ لڳو هٿ واجب اگهن جي ڳالھ ڪيئن ٿيندي؟!

ايتري ۾ پاسي واري ڪٻاٽ مان هڪ چانديءَ جھڙو ڪلاتمڪ شاهي پاٽر سيٺ ڪڍي

ٻاهر ٽپائيءَ تي رکيو، جنهن ۾ ڊراءِ فروٽ
هو. هيا بہ پاتر نوڪر رکي ويو. طرح طرح جي م
۽ نمڪين جا. هڪ ڇوڪري جيڪا گهر جو
نہ پئي لڳي، پاڻيءَ جا گلاس رکي ويئي. ٽ
اچا وڏي هئي. ڪجھ واقفيت شروع ٿي.
لعل جڏهن ناٽڪن جي ڳالھ شروع ڪئي،
چپ رهيو. پوري ٿي، هن صرف اَڇا! چيو.
لعل گهر ۽ ٿئيٽر جي ڳالھ ڪجھ وستار سان چ
سيٺ وري اَڇا! چيو. سيٺ جو هٿ چالو هو
نٽس مان پستا ڪڍندو پيو وڃي، ۽ واري واري
بہ داڻا شيام کي بہ داڻا لڇمڻ کي ڏيندو پيو و
شيام کائيندو پئي ويو. لڇمڻ هٿ ۾ جمع ڪ
پئي ويو. ڳالهين ۾ خبر پئي ڪُل ٢٥ پلاٽ
چار چار سؤ ۽ پنج پنج سؤ والن جا. سورهن
سيٺ ۽ ٻين ٻن پارٽنرن جا آهن. لڇمڻ اگھ
نوَ لک ٻڌو هو - دلال وٽان. دلال اِهو بہ چيو
تہ مالڪ ملي اگھ غلط نموني چاڙهي وينا آ
وٺندڙ ڪٿي آهن؟ سيٺ ڇوڏهن کان ارڙهن
ٻڌائي رهيو هو. اَگھ صرف بہ ڏينهن ٿيا چ
هئا. پر اَٺ نوَ لک ڪڏهن ڪو نہ ٿيا هئا. س
سچي سوسائٽيءَ لاءِ هڪ ئي پنهنجو دلال ر
هو. اِن وچ ۾ چانھ شربت وغيره آيا. سيٺ ڪ
ڪو نہ ڪنيو. شيام لعل کي سيٺ جا رُخ اُتس
ڪو نہ پئي لڳا. تنهنڪري هُن واجب اگهن
ڳالھ نہ پئي ڪئي. پر سيٺ چيو، 'توهين ڪ
بہ پلاٽ ڪٺو، بزار اگھ کان مان اڌ پيتي گ
وٺندس. شيام لعل، توهان سان منهنجو ج
سنبنڌ آهي ۽ وري گهر آيا آهيو، هونءَ مان پ
جو ڪاروبار ٻئنڪ تي ئي ڪندو آهيان. ٽو
ٻئنڪ تي هلو، مان اَڌ ڪلاڪ ۾ اُت پهچان

ـي/جيا جادواڻي

لوڪ پرلوڪ

منهن اونداهيءَ جو جڏهن ٽرين اُن ننڍي
ن تي بيلي، اسين لهي پياسين. اسانکي
ي ته ڪوُلي هٿ ڪو نه ملندو، ان هوندي
جي تسليءَ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن تلاش
ن. جڏهن اهو ڀرم ٽٽي پيو، اسان ٽنهي
ي ڏانهن نهاري مسڪرايو. ڪنڌ تي ايئر
ڪائي، هٿ ۾ اٽئچي کڻي اسان وري
ڻ شروع ڪيو.

پليٽفارم کان ٻاهر ايندي ٺي ٺڏي هوا جي
اسانجو سواگت ڪيو. ورهين بعد هن طرح
ٖ منهنجو پهريون صبوح آهي، جڏهن مان
ڪي اُجالي جي گود ۾ گسڪندو گم ٿيندو
هي آهيان. گهٽين مان ٿيندا اسان اڳتي
ن. هر شهر، هر ڳوٺ کي پنهنجي هڪ
هڪ ۽ گونج ٿيندي آهي جنهن کي صرف
محسوس ڪبو آهي.

ڻهڻ ئي گهرن جا دروازا کلي ويا هئا.
رتون ٻاهر چبوترن تي ٻهاري پائي رهيون
ڪي پاڻي ڀرڻ لاءِ پتل جون گهاگهرون کڻي
وجي بيٺيون هيون. هڪ ڪنگڻين وارو
جو هڪ وڏو اسٽئنڊ ٻاهر چبوتري تي
ڪي آهستي آهستي چنڊڻ لڳو ته اُهي
لڳيون.

سو توهان شهري گهڻي بجي اُٿندا

ز مونکي ڏسي طنزي نوع ۾ چيو، مون
ڪو نه ڏنو. مان پنهنجو سامان کڻي نٽي
تڏهن هڪ گهر اندر اڳڻ ۾ ڪدمب جو

وڻ ڏسي خوشيءَ مان ٽپا ڏيڻ لڳس.

’پڦي، ڏس ڪدمب جا گل. اسانجي اسڪول ۾ هوندو هو. ان بعد اڄ ٿي ڏسان.‘

هن هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو. مون کي لڳو، مان ان ڪانسواءِ ڪجھ به چوان ها تڏهن به هوءَ ان طرح ئي ڪنڌ لوڏي ها. پر مونکي ان لاءِ اصل دل ۾ نه ٿيو. هوءَ پنهنجي وڏي پيڻ جي وڏواپڻي سبب دکي هئي ۽ سڄو رستو سياپي جي شوڪ اسٽتيءَ ۾ هئي.

مون کي سڌ هئي، ڪيس اُتان چڪي هن طرف آڻڻ ممڪن نه هو. بلڪ هوءَ مون مان ئي اُميد ڪري رهي هئي، اُن طرف وڃڻ جي. پر مونکي ڪو فرق نٽي پيو. مون کي لڳو ٿي ته مان جيڪر سڄو سامان ڦٽي ڪري هوا ۾ لهرائيندي هلان.

’انتم سنسڪار گهڻي بجي ٿيندو؟‘

اوچتو مان پڦيءَ جي ويجهو اچي ويس.

’شام ته ٿي ويندي. خبر ناهي، اجا ڪير ڪير اچڻا آهن.‘

’ڪير ايندو؟ ڪنهنکي آخرين پيرو منهن ڏسڻ جي مرضي هوندي. جيئري ته سڀ ڪيس ڦٽڪاريندا رهيا.‘

’دنياداري ته نباهڻي پوندي آهي.‘ پڦيءَ ٿڌو ساهه کنيو.

’دنياداري؟ مون عجب وچان چيو.‘

’رڳو دنياداري نباهڻ لاءِ وڏي پڦي ايترو خرچ ڪرڻ لاءِ راضي ٿي ويئي؟‘

محل آواز اچڻ لڳا ؛ ١٦ نمبر ١٣ ۾، مون ورتو ساڍي ٻارهين! ٢٢ نمبر ١٤ ۾. پوڻين چوڏهين واپس ڏي! ۴ نمبر سورهين ۾ ... ٻيون نمبر ارڙهين ۾! پنجون نمبر پنڌرهن ۾! ۽ ائين ٻاويهن پلاٽن جا اگهه ٻن ڪلاڪن ۾ ڪريا چڙهيا، فائينل پلاٽن جا نوان اگهه، سوسائٽيءَ جي پنهنجي دلال بورڊ تي چاڙهي ڇڏيا. سينين جا نالا بدليا، درج ٿيا. ڏيٺو وٺو هرهڪ نوٽ ڪيو. هڪ ٻن ڇئن ڏينهن ۽ هفتي جا واعدا ٿيا. پوري ٻي ٻجي سيئي اُٿيا، مانيءَ لاءِ. پر ويو ڪوئي ڪو نه. شيام لعل ۽ لڇمڻ کي لڳو دوارڪاداس کين ڀلجي ويو آهي. لڇمڻ کي جيڪو پلاٽ کپندو هو اُن جو اگهه بورڊ تي ساڍا اَرڙهن لک لکيل هو.

ٻيا جيڪي ڏهاڪو کن جڻا هئا تن مان ڪن کي ڪجهه رقم ڀرڻي هئي. جن کي ڪاغذ کپندا هئا اُنهن کي پندرهن ڏينهن ترسڻ لاءِ چيو ويو. هنن چيو پئي کين اڄ اٺ اٺ، ڏهه - ڏهه مهينا ٿيا آهن، ڪاغذ نه ملي رهيا آهن. کين مڪان ٺاهڻو هو. هڪ ٻه مڪان اڃا ٺهڻ شروع نه ٿيو هو!

ڀائو سوچڻ لڳو ته هتان هلڻ کپي. شيام کي چيائين، هنن کي ڪٿي فرصت آهي ته هو ٿئيٽر لاءِ، ناٽڪ لاءِ، ڪلا لاءِ ٻڌن! هي ته هت هر آرتوار جو پلاٽ - پلاٽ راند ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيندا آهن!

ايتري ۾ دوارڪاداس کين سڏ ڪري پاڻ اُٿي بيلو. شيام ۽ لڇمڻ سندس ويجهو آيا. سيٺ پڇيو 'ڇا ويچار آهي؟' شيام ئي جواب ڏنو، 'معاف ڪجو سائين، هنجي بجيٽ کان ٻاهر جي ڳالهه آهي!'

'ته ٻه مڪان وٺو،' سيٺ کلڻ لڳو.

'اُهو هنجو ويچار نه آهي.'

سيٺ تاڙي وڄائي سڀني جو ڌيان ڇڪ

'ڀائرو، ايندڙ مهيني جيڪو جهوليلعل جو

ٺهڻ وارو آهي، منهنجو ويچار آهي، اُن

پلئين حصي جي ڪامن پلاٽ ۾ هڪ ٿلهو ٺهر

مٿان پترن جو شيڊ ٺهرايو وڃي. جتي هر آر

جو ناٽڪ ٿيندو. ماڻهن لاءِ پلاسٽڪ جون ڪرس

لڳايون وينديون.' لڇمڻ جي ڪلهي تي هٿ ر

'هيءُ دوست ناٽڪ ڪندو آهي، جيسين سن

سپنو پورو ٿئي هوُ هت هر آرتوار جو اسانجي

کي ناٽڪ ڏيکاريندو. اِنجو سڄو خرچ

ڀريندس. توهانکي منظور آهي؟!'

سڀني تاڙيون وڄايون! ۽ ڏيري ڏ

نکرندا ويا.

ٻاهر نڪري لڇمڻ شيام کي چيو، اَلائي

مونکي ڊاڪٽر واري، پپل جي وڻ جي پاڙن ۾

وجهڻ واري ڳالهه ياد پيئي اچي! جئپور کان س

مونکي صبح ئي فون ڪري چيو هو ته مان پنه

گهر ٿئيٽر کان پري رکان. نه ته ماڻهو اِنجو

مطلب ڪڍندا! پر شيام، مان پنهنجي ڌه

جذبي اندر جيڪو گهر - ٿئيٽر ٺاهڻ جو ٻج آ

هنن جي مئداني واريءَ ۾ دفن ٿيڻ نه ڏيند

پل اُهو منهنجي چتا سان جلي رک ٿئي!

64-/1017 - 1018

t office Krishnanagar

nedabad - 382346

هو.

هن جي مرت دبه سفيد ڪپڙي ۾ لپيٽيل
جي هڪ ڪنڊ ۾ رکي هئي. هن جي
يءَ کان گيھه جو ڏيئو ٻري رهيو هو ۽ ڪجھ
ون. چند ڪلاڪن بعد هن کي سنان ڪرايو
مون کيس هميشه ايترو تہ گدلو ڏٺو هو،
ن ڪرڻ بعد ڪيئن لڳندو هوندو، مون کي
جاڻ نہ پئي.

جڏهن هن جي وڏي پٽ جي شادي ٿي
ئي، کيس هڪ پيرو وچي ڪٽان پڪڙي
هئا. کيس وهنجائي سهنجائي نئون اڇو
ڳو پائي، مٿي تي اڇو رومال رکي ويڏيءَ
اريو ويو هو. جتان هو پنهنجي پيءُ هئڻ
ض ادائي نباهي رهيو هو. بيحد ڪلڻ هاب

شادي پوري ٿيڻ جي ٻئي ڏينهن تي هو
يڏانهن پهچي ويو، ۽ ڪنهن بہ اُن طرف
ڏنو.

مان مٿي اچي ويس. جيستائين انتم
نہ ٿي وچي، سنان ۽ ڪاڏي کائڻ جي
ي. گهر جون نونهرون ان چنتا ۾ آهن تہ
چا ڪيو وڃي. هو ٻارن لاءِ ڪجھ تيار ڪري،
يوارن جي گهر موڪلي ڇيون ڏين، جيئن
ي اُتي ئي کارائي پيئاري سمهاري ڇڏين.

جيئن جيئن ڏينهن چڙهندو ٿو وڃي، ڪي
عورتون بکہ سهي نٿيون سگهن ۽ هو رنڌڻي
لڪي ڇپي ڪجھ کائي هانو جهل ڪري
ن.

ر جڏهن اهو طئہ ٿي وڃيٿو تہ ٻپهريءَ
پ ٽرينون اچي چڪيون آهن ۽ هاڻي ٻئي
ي ڪو نہ اچڻو آهي، تڏهن انتم سنسڪار
ي شروع ٿي وڃيٿي. هن کي اشنان

ڪرائڻ لاءِ هڪ بالٽي پاڻي ۽ ميٽ هيٺ موڪليو
ويو. هن جي مٿي تي پاڻي وجهي، سرير تي ٿورو
ميٽ لڳائي، ٻاهر ڪڍي رکيل نوان ڪپڙا پهرايا
ويا.

جڏهن هن کي گهر کان ٻاهر ڪڍڻ جي
تياري پوري ٿي ويئي تہ گهر جون عورتون زور زور
سان روئڻ لڳيون. هميشه جيان رکو وڏي پڦي چپ
هئي. پٽ نونهرن لاءِ نياپو اچيٿو تہ هو سڀ اچي
سندس پير ڇُهن، جيئن تہ پڇاڙيءَ جو موڪلائڻ
واري گهڙي اچي ويئي آهي. هنن کانپوءِ وڏي
پڦيءَ لاءِ بہ ساڳيو نياپو اچيٿو تہ هوءَ بہ اچي سندس
پير ڇُهي وڃي. هوءَ کو جواب نٿي ڏئي. ڪي
عورتون کيس ڏونڌاري اهو نياپو دهرائين ٿيون،
پر هوءَ ڪجھ نٿي ٻڌي. نندي پڦي هن جي
ويجهو اچي هن کي ٿورو لوڏي ٿي.

’ديدي!‘

هوءَ اکيون کولي سرد نگاهن سان هن طرف
نهاري ٿي.

’نہ، مان هن جا پير ڪا نہ ڇهندس.‘

’ماڻهو ڇا چوندا؟‘

’ماڻهو؟‘ هن پنهنجي ٻرندڙ نظرن سان
پنهنجي چوڌاري نهاريو. ’ڇو آيا آهن هتي،
منهنجو تماشو ڏسڻ؟ ڪنهن سڏ ڪرايو آهي کين؟
مان پير ڇو ڇهندس. ڇا ڪيو آهي هن اسان لاءِ؟‘

’هاڻي ڇڏ انهن ڳالهين کي، هيءُ وقت
آهي اهو سڀ چوڻ لاءِ؟ ....‘

هن نندي پڦيءَ جو هٿ جهٽڪي سان
ڇڏايو ۽ واپس پنهنجي ساڳي مدرا ۾ موني ويئي.
ڏهه پندرهن منٽ گذري ويا. هيٺ مردن ۾ چوٻول
پيدا ٿي ويو. پٽن ۾ همت ڪانہ هئي جو ماءُ کي
ڪجھ چئي سگهن. آخر ڪي عورتون آيون. سندس
ٻنهي ٻانهن کي پڪڙي کيس زبردستيءَ اُٿاري

’انهن سيني ڳالهين لاءِ تون اڃا ننڍي آهين، تو اڃا ڏٺو ئي ڇاهي؟‘ ڀڦيءَ پنهنجي طرفان ڇڻ ڳالهه ختم ڪري ڇڏي. هوءَ جلد ئي مڃي وٺندي آهي تہ ائين ئي ٿيندو آهي. اها ئي دنيا آهي ۽ هتي ڪنهن بہ ڳالهه تي ڇرڪڻ يا اچرج ڪرڻ بيوقوفي آهي.

مون وري ڪجهہ نہ پڇيو. گهر نزديڪ اچي ويو هو. دروازو کليل هو. ڪافي ماڻهو جاڳي رهيا هئا. اسانجو سامان مٿي پهچايو ويو.

ايتري صبوح جو بہ روئڻ واريون عورتون هڪ قطار ۾ ويٺيون هيون، پنهنجن ميرن ڪپڙن سان مٿو ڍڪي. سڀ کان اول ننڍي ڀڦي اچي هن کي ڀاڪر پائي گڏي ۽ پار ڪڍڻ جو هڪ گڏيل رودن شروع ٿي ويو. مان پنيان ويهي انهن سيني کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهي هيس. هنن مان فقط هڪ ٻڍيءَ جو چهرو مونکي ڄاتل سڃاتل نظر آيو. هوءَ وڏي ڀڦيءَ جي نراڻ يعني ڀڦڙ جي وڏي ڀيڻ هئي. جڏهن اسان ننڍا هئاسين هن کي هن گهر ۾ ايندي ويندي ڏسندا هئاسين. پوءِ تہ سال گذري ويا، وري ڪيس ڪو نہ ڏٺو هيوسين.

مون وڏي ڀڦيءَ کي ڏٺو. هن جي مٿي تي اڇو رئو هو. هوءَ مٿو سڌو ڪري، اکيون بند ڪري ائين ويٺي هئي، جيئن هوءَ راڌاسوامي جي ڌيان ۾ وهندي آهي، ستسنگ ڪرڻ مهل. ننڍي ڀڦي هن جي گلي ۾ ٻانهون ورائي، ٿوري دير روئندي رهي، پر هن جي بدن ۾ ڪا حرڪت ڪا نہ پيدا ٿي. هن جي چهري تي هڪ ئي ڀاوُ ڄميل هو - هڪ گهري الڳاوَ جو. واري واري سان سيني سان روئي وٺڻ بعد ڀڦي اچي منهنجي ڀر ۾ ويٺي ۽ مونکي اشارو ڪيائين. مان اُٿي سيني سان گلي مليس. پر هن ڀيري ڪير ڪو نہ رُنو. هنن کي خبر آهي تہ ڪٿي روئڻو آهي ۽ ڪٿي نہ. سيني سان گڏجي اچڻ بعد مان اچي پنهنجي جڳهہ تي

ويٺس. ٿوري دير بعد اِها خاموشي سُس پُس
بدلجي ويئي. وڏي ڀڦيءَ جي لونهن ٽري ۾
لاءِ ڇانهہ ڪٽي آئي. سيني پنهنجو پنهنجو
پڪڙيو ۽ جنهن جتي چاهيو، اُتي سري وڃي

هنن سيني وٽ پنهنجي پنهنجي
جي ڳلڙي هئي. اُن کي سيني جي سامهون
ٽڪرا ٽڪرا ڏک جا ڪٽي ٻين کي ڏيکاريندي
لڳيون، ڏس تو ڇيو پئي تہ منهنجو ڏک وڏو
هنن پنهنجي ڏکہ کي اُٿلايو پٿلايو ۽ هڪ ٻئي
ڏيکاري ڀاڻ کي ٿورو ڏڍ ڏنو. پوءِ اُن حاصل
ڏڍ کي ڇاتيءَ سان لڳائي، هيڏانهن هوڏ
جتي ڪين جڳهہ ملي، ليٽي پيون.

مان اُن ڪمري ۾ ويس، جتي هن جي
- ديهہ رکي هئي. ڪاري، ٻندري، وارن
ديهہ، جيڪا جيئري ڪنهنجي ڪم نہ آئي.
سرد اچل پيئي هئي. سڀ مرد هن جي چوڌ
ويهي ڳالهيون ڪري رهيا هئا. ڪنهن
ماڻهوءَ جي اچڻ تي ٿوري دير خاموشي ڇانئ
ٿي ويئي، وري ساڳي سُس پُس. مونکي اچرج
ڪڏهن جيڪي هن جي نالائقيءَ، نلري
نڪميپڻي، ور ور گهر کان ڀڄي وڃڻ تي ز
لفظن ۾ ڦٽ لعنت ڪندا هئا، اُهي هاڻي
جي سرل پرڪرتي ۽ لڄاري سڀاو جي ساراهہ
رهيا هئا. ڪين افسوس ٿي رهيو هو تہ چار
پٽ هوندي بہ هن ڪوئي سک نہ ڏٺو. نہ گه
نہ ٻاهر جو. ڏينهن جا ڏينهن اُڃ بکہ ۾ الائي
ڪٿي ڀٽڪندو وتندو هو. سندس ڪپڙا ميرا ۽
هوندا هئا. ڪيترن ڏينهن بعد جڏهن هو ٿڪ
هارائجي پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ موٽي ايندو
گهرا وارا نوڪر جي هٿ هن لاءِ ٻنهي وقتن
ڪاڌو ٽفن ۾ موڪلي ڏيندا هئا. هن کي پنه
گهر اندر اچڻ جي منع هئي. سندس انهن ع
سبب سندس زال يعني وڏي ڀڦيءَ کيس ت

سان هن ڏانهن نهاريو.
ون سندس زال آهين.‘
ان ڪانہ آهيان سندس زال ... سال اڳہ
ن چڏي ڏنو هو.‘

ر تہ هن جا ٿي آهن يا اهي بہ ڪونهن.
هہ نہ ڪر، پر هنن کي تہ ڪرڻ ڏي
پيءُ لاءِ. هن لوڪ ۾ تہ ڪيس جاءِ نہ ملي،
تہ ولڻ ڏيس.‘ چوندي هوءَ روئڻ لڳي.

يءُ!‘ لفظ چوندي وڏي ڀڦيءَ جا چپ
ءَ ۾ ڇپا ٿي ويا. هوءَ اڄا بہ ڪا سخت
ڻ واري هئي، پر جڏهن ڏٺائين تہ سڀئي
ءَ سان نراڻ ڏانهن نهاري رهيا آهن، تہ
اُٿي هلي ويئي، ننڍي ڀڦي هن جي
يان ويئي. مان بہ ....‘

اٽي مڇي وڃ، ديدي. ڏس نہ ڪيئن
پ آهي ....‘

ٽڪ آهي اهو سڀ. ٽيهہ سال - ٽيهہ سال
ڻ نہ آيو پنهنجي پياءُ ڀاڄائيءَ کي تہ هو
ن يا مري ويا آهن، ۽ اڄ هوءَ سندس پيڻ
ئي. نہ ملي ڪيس پرلوڪ ۾ جڳهہ. خبر
ٽڪڻ چا ٿيندو آهي. سڄي عمر تہ بوجو
بعد بہ بوجو ٿي ويو.

ري ويل کي چو ٿي پٽين؟ سڀ پنهنجي
و ڦل آهي.‘

رمن جو ڦل!‘ هن طنزي نوع سان ننڍي
هن نهاريو ...‘

ءِ ليڪ ٿي تہ آهي. هن کي چو نہ ٿا پوڳڻ
جي ڪرمن جو ڦل؟ ڪرم صرف منهنجا
؟‘

ن هاٽي چپ ڪر، مفت ۾ پنهنجي ڪِلَ

ننڍي ڀڦيءَ کيس چڙب ڏيئي چپ ڪرائي چڏيو. پر هن گويا ننڍي ڀڦيءَ جي ڳالهہ ٿي نہ ٻڌي. هن جون اکيون سِڪُڙجي ننڍيون ٿي ويون. هوءَ ڪجهہ سوچي رهي هئي ....‘

’ڪرمن جو ڦل! مان ڏينديس کيس سندس ڪرمن جو ڦل ....‘ هوءَ ٻڙڪڻ لڳي. پوءِ اُٿي ٻئي ڪمري ۾ هلي ويئي. اسين ٻئي هن جي پٺيان ڪونہ وياسين. ننڍيءَ ڀڦيءَ ٻاهر اچي سيني کي ڇيو جيڪو سيني کي سلو لڳي اُهو ڪيو. ٻارهو ٿيندو ۽ هوءَ ڪجهہ ڪو نہ چوندي. هن جي نراڻ اکيون اُگهي ڇڏيون. کيس يقين ٿي ويو تہ ڀاءُ جو هي لوڪ نہ سڌريو تہ پرلوڪ ضرور سڌري ويندو.

نہ نہ ڪري بہ ڪافي مهمان اچي ويا هئا. هن جي ننهي نونهرن کي تہ روئڻ جي فرصت بہ ڪا نہ ٿي ملي. ڪڏهن چانهہ، تہ ڪڏهن ناشتو، ڪڏهن ڪاڏو، ڪڏهن منائي، ڪڏهن ميوو، هي يا هو، ماڻهن جي اَڪت ضرورتن کي پنهنجي محدود وسيلن ذريعي پورو ڪرڻ لاءِ هو هيڏانهن کان هوڏانهن ڦرنديون ٿي رهيون. شام جو جڏهن ڳوٺ جون زالون اينديون ۽ روئڻ جو وقت هوندو، تڏهن هو چانهہ تيار ڪرڻ ۾ رڌل هونديون. ڪڏهن ڪڏهن سندس وڏي نونهن کي روئڻ لاءِ ڪونيو ويندو هو. ڪلاڪ اڌ روئڻ ۾ شامل ٿيڻ بعد هوءَ وري ڪِچن ۾ واپس هلي ويندي هئي. جنهن اصل نہ رُنو اُها هئي وڏي ڀڦي ۽ جنهن گهٽي کان گهٽو رُنو اُها هئي سندس نراڻ. هو ٻئي هڪ ٻئي جي ويجهو بہ نہ ويهنديون هيون. وڏي ڀڦي هڪ پٽ کي ٽيڪ ڏيئي تہ نراڻ بلڪل سامهونءَ واري ڀيءَ پٽ کي ٽيڪ ڏيئي. وڏي ڀڦيءَ کي سندس روئڻ بلڪل ڀاءِ نہ پوندو هو، تہ نراڻ کي وري ڀاڄائيءَ جو صفا نہ روئڻ. پر هنن ٻنهي ان بابت ڪڏهن بہ هڪ ٻئي کي ڪجهہ نہ چيو.

آخر يارهن ڏينهن گذري ويا. ٻارهون

ٻاهر وني وڃڻ لڳيون. هوءَ بيهوش ٿي سندن ٻانهن ۾ اُتي جو اُتي ڍرڪي پئي. هاڻي؟ هاڻي ڪجهه نٿي ٿي سگهيو. نا اُميد ٿي هو ڪنڌ ڌوڻي ٻاهر هلي ويون. پوءِ مڙهه کي اُتان ٻاهر ڪڍي ويا.

اُن بعد گهر جي عورتن ڪمري کي ڌوتو ۽ اُن جڳهه تي ڇيڻي جو ليپو پائي ڇڏيو، جتي مڙهه رکيل هو. ڏهن پندرهن منٽن بعد هوءَ اُٿي ويئي. عورتون کيس گهيري ويهي رهيون. هينئر هو سڀ ٽولو ٺاهي وينديون ڪنهن نديءَ يا کوهه تي، گهر کان بلڪل ٻاهر ۽ اُتان پوءِ سنان ڪري، وڳو پائي موٽنديون. سڀ کان اول وڏي ڀڄيءَ کي سنان ڪرايو ويندو. ڏسڻ ۾ اهو عجيب لڳندو آهي ته ڪنهن رودن پلڪو ڪندڙ کي ٻنهي ٻانهن کان پڪڙي، سهني جي سامهون سڙڪ تان گهليندي ڪنهن کوهه يا نديءَ تي وٺي وڃجي، ۽ وري ساڳي طرح روئندي واپس وٺي اچجي. پر اُتي ڪنهن به تَرڪَ جي ڪا گنجائش نه هوندي آهي. هن اهو ٻڌندي ئي کين منع ڪري ڇڏي ته هوءَ اُٿڻ کان لاچار آهي. سندس مٿو ڦري رهيو آهي. چوندي هوءَ ٿر ٿر ڪنبڻ لڳي. هن جا ڏند وڄڻ لڳا ۽ هوءَ اُتيئي ڍيري ٿي ڇٽپٽائڻ لڳي. آخر ڪنهن طرح کيس اُتي ئي اشنان ڪرايو ويو ۽ ٻيون عورتون نديءَ طرف هليون ويون. مان ڏسي رهي هيس ته سندس وڏي نراڙ کي هي سڀ بلڪل ئي سٺو نٿي لڳو. هن جي پوري همدردي پنهنجي ڀاءُ سان هئي. پر هوءَ پنهنجي ڀاڄائيءَ جي تيز سڀاوَ کان واقف هئي، ان ڪري ڪجهه به ڪُجهي نٿي سگهي.

شام جو ڇئين بجي وري زالن جو رودن شروع ٿي ويو، هڪ ٻئي پنيان سلسليوار جيئن روئڻ ٿيندو آهي جيستائين کين ڪير ڏسي رهيو آهي. جڏهن کين اها تسلي ٿي ويندي آهي ته هر ايندڙ ويندڙ ڏسي ورتو آهي، روئڻ بند ڪري

ڳالهين جو سلسلو اُتان ئي شروع ڪري ڇڏين آهن، جتي کين رڪاوٽ پيئي هئي.

اڄ پڳڙيءَ جي رسم آهي. ليڪ پ
بجي هن جي پٽن جي مٿي تي سفيد پڳڙي
ڀاڻيءَ جو چنڊو هٽي شڌ ڪيو ويندو. ان بعد
سهني مٺان به، جيڪي انتم سنسڪار مهل
هئا. پنجين بجي جڏهن اهو خاص وقت هو
جو، ڪنهن به نه رُنو.

ڀاڻيءَ جو چنڊو وڏو ويو. ڀيڙ ايتري هئ
ڪٿي به پير رکڻ جي جڳهه نه هئي. سڄو
ئي اُٿلي پيو هو. چنڊي بعد روئڻ جو آخري
هو. پر سڀ ايترو ته ٿڪجي پيا هئا جو ڪ
نه رُنو ۽ ٻاهر جا جيترا ماڻهو آيا هئا سڀ
وڃڻ لڳا.

هينئر مردن جي اڇڻ جو وارو هو. ان
وڏو ڪمرو جيڪو عورتن جي روئڻ وارو ڪمر
ان کي اڌ خالي ڪري، اُن ۾ ڍنگه سان فرا
وڇايون ويون. هڪ طرف روئڻ واريون ع
وينيون هيون. ٻئي پاسي پندرهن ويهه مهمان
اچي ويٺا. هنن جي ويهڻ شرط ئي عورتن
شروع ڪيو. ٻه منٽن بعد سيئي مرد اُٿي
اچي ويا. روئندڙ عورتون چپ ٿي ويون. عذ
هن دؤر ۾ جي ڪير نه رُنو ته اُها هئي وڏي

رات ٿيندي ٿيندي اهو طئہ ٿيڻ
ٻارهي جي رسم لاءِ ڇا ڪرڻو آهي. ڪنهن
سڏائڻو آهي، ۽ ڪيترو خرچ ڪرڻو آهي.

’ڪا ضرورت ناهي ٻارهو ڪرڻ جي
وٽ ايترا روپيا ڪونهن؟‘ ڀڄيءَ غصي ۾ چي

’تون هميشه ڀاڻ بابت ئي ڇو سوچ
آهين؟ منهنجو به ڀاءُ هيو هوُ ....‘ سندس
همٿ ٻڌي چيو.

’تنهنجو ڀاءُ هو ته بلاشڪ تون ڪر.‘

ڻ ڪنداڙ ماڻھو چپ ٿي ويا ... ’ھاڻي
پ مھرباني ڪري پنھنجي پنھنجي گھر
ڪو بہ اسانجي معاملي ۾ پوندو، ھن لاءِ
يندو.‘

ن وڃ ۾ ٻانھڻ غصي مان ٿڪندو پنھنجو
ي، چپن ۾ بڙ بڙائيندو ٻاھر ھليو ويو.
ٿڙي پڪڙي ويا. وڏي پٽ ھٿ جوڙي
ي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪير نہ
ھني جي چھري تي ناراضگي ھئي.

وءَ پير پٽڪندي مٿي ھلي ويئي. ھيٺ
ٻل جي ٻيڻ زور زور سان ورلاپ ڪري
پ.

ستي آھستي سڄو گھر خالي ٿي ويو. جن
ا ھو اُھي بہ ھليا ويا، جن کي نہ وڃڻو
ھليا ويا، ڪير ڪجھ بہ ڪري نہ سگھيو،
ي ڪرڻ ڪانسواءِ. ڪنھن ڪجھ نہ ڪاڏو.
ٿيا پيا ھئا.

ن جي ٺراڻ بنا ڪائڻ جي انھيءَ شام
ن ۾ ھلي ويئي. بنان ڪنھن سان گڏجڻ
ھن کي ڪجھ چوڻ جي، ھن جي طرف
ڪجھ ختم ٿي ويو ھو.

دي پٽيءَ، وڏي پٽيءَ کي ڪافي
پر ھن خاموشي اختيار ڪري ڇڏي
و جواب ڪانہ ٿي ڏنائين. آخر ٿڪجي
، ننڍي پٽي ھيٺ ھلي آئي ۽ ٿالھ ۾
ڻ لڳي، جيڪي ٻانھڻ ڇڏي ويو ھو. ھن
ھ جيئن جو تيئن تيار ڪيو ۽ وڏي پٽ
ھائيندي چيائين تہ ھن سامگريءَ کي
ھ ۾ پروان ڪري اچ.

ھن ٽڪاڻي مان ھڪ ماڻھو ھن جون
ڻي آيو. جن کي پڳڙيءَ واري ڏينھن
ڪاڻي ۾ رکايو ويو ھو، تہ موقعو ڏسي ڪير

ھردوار وڃي انھن کي گنگا ۾ پروان ڪري ايندو.

ھاڻيون ھڪ ننڍي گھڙي ۾ ھيون ۽ گھڙي جو منھن ڳاڙھي ڪپڙي سان ٻڌل ھو. جدا جدا ھٽن مان ٽينديون اُھي ننڍي پٽيءَ وٽ پھتيون. اھي ڪٽي ھوءَ مٿي ويئي. ان ڪمري ۾ جنھن ۾ وڏي پٽي وڃي ٻاڻ کي پوري ڇڏيو ھو. نہ ڪجھ ڪاڏو پيتو ھئائين ۽ نہ ئي ڪنھن سان ڪجھ ڳالھايو ھئائين. ننڍي پٽي ھن جي سامھون وڃي ويھي رھي ....

ھوءَ راڌاسواميءَ جي مورتيءَ اڳيان اکيون بند ڪري ويٺي ھئي.

’ھاڻي مان ھنن جو ڇا ڪريان؟ جڏھن تو سڀ ڪجھ اُڇلي ڇڏيو آھي پوءِ ھيءُ ھاڻيون ڇو ھت پيون ھجن؟ ھنن کي بہ ڪنھن درياھ ۾ وھائي ڇڏ. ڪير ڪٽي ويندو ھردوار؟‘

وڏي پٽي ڇرڪ ڀري ننڍي پٽيءَ ڏانھن نھاريو. پوءِ ھن جي ھٿن ۾ ڳاڙھي ڪپڙي سان ٻڌل گھڙي طرف نھاريندي رھي ....

’نہ انھن کي ھت رھڻ ڏي. ايندڙ سال مان بياس ويندس تہ اُتي ئي پروان ڪري ڇڏيندس. تيستائين انھن کي منھنجي ڪمري ۾ رکي ڇڏ.‘

مون ڇرڪ ڀري ٻڌو، ڪنھنجو آھي ھيءُ آواز؟ ڪير ڳالھائي رھيو آھي ھن طرح؟

(ھنديءَ تان ترجمو - لکمي ڪلاڻي)

Jaya Jadwani
Kasturba Nagar
Jarahabhata Bilaspur (M.P)-495001

ڏينهن اچي ويو. وڏي پڦيءَ جي نراڻ پوڄا پاٺ جون خاص خاص تياريون ڪرائي ڇڏيون، پنهنجي نگرانيءَ ۾. اسپيشل ڪاڌو تيار ڪرايو ويو جيڪو گذاري ويل کي بيحد پسند هو ۽ اُهو به، جيڪو هو چاهيندي به ڪائي نه سگهيو هو، پنهنجي جيئري.

ٻارهين بجي ٻانيڻ ايندو. هن لاءِ نه رڳو دڪشڻا ڏيڻ لاءِ موٽي رقم جو بندوبست ڪيو ويو آهي بلڪ ڪجهه مهينن جو راشن به، جيئن دال، چانور، تيل، ٽُٿ پيسٽ وغيره. سڀ سامان ٻوڻ ۾ ٻڌي هيٺ تيار ڪري رکيو ويو آهي. جئن وڏي پڦيءَ جي اُن تي نظر نه پوي. سيني کي خبر آهي ته سامان جي اها ٻوڻ ڏسي هوءَ باهه ٿي ويندي.

ٻانيڻ اچي ويو ته سڀ ڪارج وڏيءَ سان شروع ٿي ويو. پوڄا وغيره جيئن ٿيندي آهي ٺيڪ اُن طرح. اسين سڀ هن جي چوڌاري ويٺا هئاسين ۽ ضرورت مطابق ٻوڙي ٻوڙي هن جي هر آگيا جو پالن ڪرڻ لڳاسين.

سڀي ڪاڌي مان ٿورو ٿورو هڪ وڏي ٿالهه ۾ رکيو ويو. چار وڏا وڏا لڏون ٺاهڻ لاءِ - پنڊ دان. پوءِ ٻانيڻ جي کائڻ لاءِ ٿالهه الڳ سان تيار ڪيو ويو. وڏي نراڻ جو وڏو پٽ ۽ نونهن پوڄا ڪرائڻ لاءِ ويٺا ۽ ٻانيڻ جي هدايت انوسار سڀ ڪري رهيا هئا.

سمورو ڪاريه ڪرم وِڌيءَ انوسار اُن ڪمري ۾ ٿي رهيو هو، جنهن ۾ مرت ديهه رکيل هئي. گذاري ويل پراڻيءَ جي پيڻ جي اکين ۾ ٻوڙها تري آيا هئا. هوءَ وچ وچ ۾ ڪنهن نه ڪنهن کي چوندي ٿي ويئي 'سندس پاءُ جو هيءُ لوڪ ته نه سڌريو، پرلوڪ ضرور سڌري ويندو. ڪهڙو سک مليو کيس پنهنجي جيون ۾. سڀ ڪجهه هوندي به کيس ڪجهه نه مليو.' هزار ڀيرا هوءَ اها ڳالهه اڳ به دهرائي چُڪي هئي.

تڏهن سيني اهو دل دهلائڻ وارو نظارو ... سفيد ڪپڙا ۽ سفيد رئو پائي وڏي پڦي هيٺ ... آئي. سندس گورو چهرو ڳاڙهو ٿي ويو هو ... هڪ ڀيرو پنهنجي چوطرف نظر ڊوڙائي. پو... وڃي ٻانيڻ جي مٿان بيٺي. ....

'بند ڪر اهو سڀ ڪجهه.'

ٻانيڻ ڇرڪ ڀري هن طرف ڏٺو ۽ 'تو... توبهه' ڪندي پنهنجي ڪنن کي ڇهيو.

وڏي پٽ ڀڄيون ڀيرو زور سان رڙ ڪ...

'امان، تون هتان هل!'

هن سندس ڳالهه جو ڪو جواب ڪو نه ... هوءَ صرف ٻانيڻ طرف تڪيندي رهي.

'بند ڪريو! ۽ گهر وڃو. توهان جي اچڻ ... فيس سياڻي توهانجي گهر پهچي ويندي. م... نه ڪرائڻو آهي هيءُ ناٽڪ!'

هن جي آواز ۾ ايتري ته پختگي هئي ... ٻانيڻ گهبرائجي اُٿي بيٺو. هن سان گڏ ٻيا ... به. اِن کان اڳ وچ ۾ پئي ٻيا کي رکه رکاوَ ... هن ٻنهي ٿالهن کي پلٽي ڇڏيو.

'ڇا ٿي ڪرين، پاڳل ٿي ويئي آهين؟'

'پاڻ کي سمجهي ڇا ٿي، ڪير کيس ڪجهه ... وارو ڪونهي؟'

'پاپ پڃ جو کيس ڪو خيال ڪونهي؟'

'سندس ڇا ٿو وڃي، هي سڀ ته هن جا پٽ ... رهيا آهن.'

'اهڙي هئي تڏهن ته ويچاري کي گهر کان ... ڇڏيائين.'

'عورتون رڳو جُتيءَ جي مار سان ٺيڪ هو... آهن.' ڪنهن گهريءَ نفرت سان چيو.

هن پنهنجون نگاهون چوطرف ڦير...

ٺو ڪجھ طلبي ٿي. گهراين کي تڏهن
ي، جڏهن ڪونا جو هڪ هڪ لفظ،
S ٻڌجي، هڪ هڪ لفظ جو ڪو ارٿ هجي،
ڃئي سگهي.

ن سنگره ۾ ڪي ننڍڙيون ننڍڙيون،
ڇهندڙ ڪوتائون آهن، ڪي لنبيون ۽ ڪي
ي لنبيون پڻ آهن، جيڪي پاٺڪ کان بہ
جھ طلبي ٿيون ولن. هڪ سُگهڙ من!

ن

ي روئي سگهياسين
خالص پيار هوندو/لڙڪن ۾ وهي رهيو
ان کان سواءِ هر پل/اسانجا پنهنجا/دوکا

يار، خالص پيار، ڪيئن بيان ڪندا،
، ان لفظ تي صرف ڪي شانت، تڙڦندڙ

ي'

جهوتو آهيان

ي

جيئرو آهيان.

ٽ مان 'مان' لفظ ڪڍي ڇڏجي تہ بهتر)
Trimm آهي.

ي انتها شعوُر نپڪي ٿو، جهلڪي ٿو، هنن
جي لفظن مان، سوچان ٿو سمجهتا ڪٿي
ور سان لفظ وچڙجي وچڙجي پيا آهن.
، بار ٻڌجي چيڙائن ٿا. ڪوتا، هڪ
چهاءُ، ڪٿي آهي. ڏنگي تہ ٿي،
بہ ٿي، اُدبڙي بہ ٿي، نرم گرم هٽ سان
ڏئي.

يمڪا' تمام لنبي ڪوتا آهي، هن ڪوتا

جو ارٿ، لفظ نہ ٿا ٻڌائن، جيڪو ڪجھ ٻڌائن
ٿا، اُهو لفظن ۾ لکيل ڪونهي. مان چاهيندو
آهيان، ڪوتا، اُهو ڪجھ سمجھائي، جيڪو لفظن
لڪائي ڇڏيو آهي.

'مان تو وٽ ويٺس، ويٺو ئي رهيس/دير هڪ
زندگيءَ تائين
پيار جي هار زندگيءَ جي هار جو حصو آهي
تون مون لاءِ وڏاءُ آهين/يا هڪ وستار، خبر ناهي

اِهو سوچي چرڪ ڀرجي ويندو آهي/ڪڏهن سچ
پچ تو پاڻ کي/مون اندر ڳولڻ چاهيو تہ ڪهڙو
جواب ڏيندس.

جسماني سک يا پيڙا کي ڀنهي ارٿ نہ ڏنو
تلاش تہ وري بہ پنهنجي ئي رهي.

انسان پنهنجي اهم کي ئي ڳولهيندو ٿو رهي،
سچي زندگي/ پيار جي اوٽ ۾ چانو ۾.

توکي رچنا ۾ سرجي سگهانٿو، خود ۾ نہ
خود کي تو اندر اوتي سگهان ٿو، سرجي نہ.

پيار پورائو نہ، لڳاتار ضرورت آهي
منهنجو سڏڻ، تنهنجو نهڻ/پيار ئي آهي
جيڪو اسان سويڪاريو ناهي
پيار/سڏ جو جواب ٻڌڻ جو انتظار آهي/بطور
مهرباني تون جواب نہ ڏج.

ڪيترا پيرا تون سُن هوندي آهين
مان هڪ سناٽو ۽ ايڪانت ٿي/تو اندر پٽڪڻ
چاهيندو آهيان
سُنَ جي پيڙ پاڙ جا انديشا مٽائي/ڪرفيو لڳائي.

تبصرو/ارجن حاسد

پگهت

(پريم پرڪاش جو ڪوتا سنگره)

هرڪنهن ڪويءَ جو پنهنجي فن ڏانهن Approach جو نظريو، الڳ الڳ هوندو آهي، سوچ به الڳ الڳ.

’پگهت‘ ڪوتا سنگره جي ڪويءَ پريم پرڪاش جو لهجو ۽ سٽن جو سٽاءُ پڻ، پنهنجو، هين ڪوين کان گهٽ پن آهي، البت ڏکيرو پڻ. زندگيءَ ۾ ڇا سؤلو آهي!

هنن ڪوتائون کي ماٽو ڪونهي، ڪويءَ پالڪ کي پوڳڻ ۽ پوڳائڻ لاءِ به ڪجهه باقي نه ڇڏيو آهي. هوُ ايترو وياڪل، ايترو آڪروشت آهي، جو زهر ڀڏل سوچ کي چکي ئي مس ٿو سگهجي. هوُ پاڻ ٽڪرا ٽڪرا ڏک پري، سڀي ڪوڙاڻ پيئندو ٿو وڃي.

’هي سڀ تون نه سمجهين ته/مونکي بيحد خوشي ٿيندي/مان هونءَ به تنهنجي آئينده جي/ڪرم-پرڪريا جو ڳنڍيندڙ نُڪتو/بڻجي نه سگهندس/تو اندر اطمينانُ/نصيب جي کهڙي خاني ۾ رکان/جيڪو نهيو ئي ناهي شايد.‘

’ڪيترائي دفعا/چانهه ڀڏل بريڊ کي/پيٽ اندر ڪرڻ بعد سوچيو اٿم/وويڪ وڪاميل روزگارڇڏي ڏيندس/هرروز منهنجي اخلاقي قوّت کي وڪامجڻ وٽندو آهي/ان بعد پاڻ ۾ رهجي ويندڙ باقي همت کي/آتمڪ-ٻل ڇئي ڇڏيندو آهيان‘

حال کان آئينده تائين پکيڙ ۾/عمر جا ڪ
ڏينهن ٿيندا آهن/گهٽي وڏي ٿيندي آ
ڏينهن جي عمر.

توکي سمجهائي ڏيندي/پنهنجي ٻولي سڀ
چاهيندو آهيان/اِڇا بغير ڌاري زبان ۾
چوندو آهيان.
تون وديا جون اوُجل راهون ڏسڻ چا
تو/ايمان-خور هڪ لفظ آهي/وديا-واپار ۾
اسين بدحواس/پنهنجو ملهه ڪَٿي نه س
آهيون.‘
’هڪ وديارٿيءَ جي نالي‘ هڪ لنبي ڪوتا آ
متي ڏنل ٽوريون سٽون، ان ڪوتا جو، ٽورو
آهن.

اتي سوال ٿو اُٿي، ڪوتا، کي ايماند
چيندڙ لفظ، ڪا فنڪارانه اُٽت آهي، جيڪا س
سٽاءَ تي چوٽ ڪري!

ڪوي -من، جي رچنا-پرڪريا جا ٻه
واهڻ آهن، Jumping ۽ Trimming ، انهن ٻ
لفظن کي سمجهڻو آهي. ڪٽان کان ڪٽي پ
۽ ننڍڙي ننڍڙي، ٽوري ٽوري سنوار.

تڏهن ته غزل-گو شاعر، غزل جي ٻن
۾ ڪيترو ڪجهه چئي ٿو سگهي. غزل ۽ نئين
هڪ سڪي جا ٻه پاسا آهن. ڪوتا، غزل کان
ڪجهه ڏکيرڙي وِڌا آهي. ڪوتا، فڪر جي

ن ۾ پنج پيرا آيا آهيو
پنهنجن ڏينهن جيتري تہ/وڏي ٿي آهيان
ب موڪلجو/مميءَ لاءِ رئڻ
ڍي آهي هن ڪلب ۾/ڪنوار هڪ ئي
ڍي آهي
نہ ڪلندي آهي.

لين ڪوتا ۾ ڪويءَ پنهنجي هڪ نرالي
ن اڄ جي سنڌي سماج تي چوٽ ڪئي
ڪويءَ جي ذهن سماج کي ڏونڌاڙيو آهي.
ورش، ٻار، ڪلب جي مُلهن کي ٽٽوليو

سٺو اهو آهي تہ ڪويءَ جي سرجڻ شڪتي
نہ وياپڪ آهي. ائين بہ لڳي ٿو تہ هي
، وقت کان، هن دؤر کان، گهڻو اڳہ لکجڻ
هن، پاڻ ان حد تائين اهو سڀ سمجهڻ
Mat ئي نہ ٿيو آهي جڻ! هونئن بہ ڪوتا
En ڪرڻ وارا پاڻ ڪٿي آهن.

يب اهو بہ آهي، ڪوتا جي نالي ۾ ايترو
مال' شايع ٿي رهيو آهي، جو اُهو سڀ
، ناگوار لڳندو آهي. پڙهڻ ۽ Enjoy ڪرڻ
ق آهي.

يگت' ڪوتا، اڃا بہ ڪنهن عجيب نموني،
ب تي ڪري اسانجيءَ سپيتا کي. ساهتيہ،
ني، ڪلا ۽ فن ڏانهن اسانجا ڪهڙا رخ
ن. اسان وٽ فڪر ۽ شعور ڪيترو رهيو
ئن ڪئن اسان پاڻ سان مذاق ڪندا رهيا
لڳي رهيا آهيون، وڪہ وڪہ تي پنهنجين
ڪي. هن لنبي ڪوتا جا هي ٿورا انش

هڪ شام ضرور وهنداسين/دير رات
پيئنداسين پوئين پهر ملي/هڪ يگت

وجهنداسين.
اسانجو چوغو ليڙون هوندو/بوچڻ ڪمر بجاءِ
سر تي ٻڌل هوندو/ٽڪل پيرن ۾ گهنگهرو
ٻڌنداسين/ساڻ دزيل ساز هوندا/رياض وساريل
هٿ ڪٽنداسين/سواس اسانجا پُوسائيل
هوندا/ڪليل ڪاري آسمان هيٺ/ملڪيءَ جي هڪ
دڪي هوندي/سامهون ميلن تائين پکڙيل/ ريت
ئي ريت هوندي.

يگت جي پهرئين چرڻ ۾/هڪ ڇهڇٽو
اُپاريندا سين
تنهنجي آتما هوندي/منهنجو وويڪ هوندو
منهنجو وويڪ وچ ۾ هڪ مونو لاگہ چوندو
هيو سڀ مونکان پڇ/منهنجو نالو نہ پڇ
منهنجي سڃاڻپ نہ پڇ/گهر/پاڙو/شهر/ملڪ
نہ پڇ
پر سون جي پياليءَ ۾ پري توکي/مان شراب
پيئاري سگهندس
منهنجيون اکيون نہ ڳولهہ/زبان/ڪن، نڪ،
ڇهاو نہ تلاش ڪج
مان جڏهن هوش ۾ آيس/ڳٽڻ شروع ڪيم
بي هوش ٿيڻ بعد بہ ڳٽيان پيو!

منهنجو احساس/ويچار/وشواس/قدر نہ ڏسج
مان توسان ڳالهائي ٿو سگهان/هڏڪي ڪائي
هڪ ئي شبد اٽڪڻو اُچاري رهيو آهيان .
جنهنجو ارٿ هرويرو ڏکيو ڪونهي/اهائي
منهنجي/سنسڪرتڪ حاصلات آهي!
يگت جي پوئين چرڻ ۾/اسين ياد ۾ ڪٽنداسين بات
ياد ۾ ڏکہ جا ڪلام
اِنهن جو تون اَروهہ نہ ڇيڙج/منهنجي اُوروهہ ۾
خراش آهي.

تو وٽ مان پنهنجين وڏاين کان پڇي ايندو آهيان
تو وٽان پنهنجين ننڍاين کان پڇندو آهيان
آگر رڪ تون اُنهن لمحن تي/جن کي اسين سهج
تي جيئا هجئون!

تنهنجي پرپٽ سوچيندو آهيان/تنهنجي استري
سڄاڻپ جي عمر/تنهنجي پيٽ ۾ ڪافي وڏي
آهي/تو اندر واري معصوميت جي عمر/اڃا
چترائيءَ واريون جهرريون نہ اوڀريون آهن

شرم جا پنهنجا نفيس ڇهاءُ ٿيندا آهن/تو اندر
جيڪي مؤجود تہ آهن/پر تنهنجا وهنوار ايڏا
شرميلا نہ آهن
تنهنجي ڪل، بند ڪل هوندي آهي
هڪ دفعو تو بي خياليءَ ۾ اُنکي مڪت ٿيڻ ڏنو هو
اُها اسان وچم آيل/شايد آخرين ڪل هئي
ترس جيسين غلط صحيح ڪارٽن تي
رشتو ڪو آڪار پائي/جرڪي يا ختم ٿئي!

ڪويءَ جا جذبا، پنهنجا نجا آهن، نرالا آهن. ويدنا جي رهنڊ سان ضربيل آهن هي ڪوتائون. ڪوي من کي پنهنجيون الڳہ الجهنون آهن، هوُ هروُيروُ بہ، ٻئي ڪنهن سان بہ مذرتا جو ورتاءُ ڇو ڪري. ڪوڙاڻ گهراين تائين ڇيري، جهنجهوڙي ٿي وڃي. لهجو، ڪويءَ جي ترڙف سان اِيماندار ٿي بيٺو آهي.

'ڪلڪتہ شهر'

'بس هاڻ هن شهر ۾/مونکي ڪلڻو آهي!/هيءُ
شهر ڪلڪتہ آهي
خبر ناهي ڪڏهن/مون اندر هن شهر/هڪ تکي
اڃا پيري ڇڏي/مونکي ڪلڻو آهي!

نہ، هي شهر پاڻ ڪو نہ ڪلندو آهي
اُها ئي ڪل/نيرا داغ ٿي اُپري آهي/بي آواز
ناهي اُها
چوُطرف ڪرڙ ڪرڙ اُنجي/ٻري هڪ پل/ٻئي
وساميو پوي ....
هن شهر جو سياهُ/هر ايندڙ نئين ماڻهوءَ کي/ ه
دفعو ڪلائڻ آهي/ها اِهو ضرور لڳي ٿو/ڪڏهن
شهر ڪليو هوندو/تمام گهٽي ڪل/ هڪ ٿي مه
هڪ دفعو، آخري ڀيرو!

نئين ڪوتا ۾، ڪٿا-تنتو، وشيہ- آڌار س
گڏ، ڪلا پڪشُ، سوچَ جو سياهُ، رچنا کي آلوڪ
تو ٻڌائي. ڪي گهڙيون ڪجھ ماٺي تو وڃي.

Basic ، موُل احساس، هتي بہ ساڳيا آهـ
جيئن ڪنهن هڪ انسان جا هئڻ گهرجن، صر
اُن انسان کي ڳولهڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. ۽ سچ
اڄ، سرشٽيءَ ۾، پرڪرتيءَ ۾، انسان، ڪٿان
نٺو لهي سگهجي.

'خط' هڪ لنبي ڪوتا آهي، اُن جا
اَنش آهن :

'پپا!
هن پيري منهنجي ايڪويهين جنم
تي/توهين ڇا موڪليندا؟
ٻڌم توهين مون لاءِ/هڪ گهوٽ ڳولهي
آهيو/دبئي هانگ ڪانگ لنڊن ائمريڪا مان!
مونکي تہ اڃا پپا کپي!
هن پيري بہ توهين نہ اچي سگهو تہ
مون لاءِ هڪ ساهيڙي - گُڏي موڪلجو
جيڪا مون سان منهنجي نانيءَ جي/
ڳالهائي
ڏاڏيءَ جهڙيون آکاڻيون ٻڌائي!
توهان مونکي/ڏينهن ڏينهن، وڌو ٿيندو ڪو نہ ڏنو

ت/نرمل واسواڻي

قدرت ۽ انتظام

ڻهوءَ Homo Sapien Sapien - اڄان
ٿويءَ تي جنم ورتو آهي ۽ سمجهي پيو
ت جو انتظام سندس ذميواري آهي.
سگهي ايمان ۾ ڪانئس اهو وسري ٿو وڃي
ب ڀڳن کان ولي پنهنجي ڪاروبار جو
حايت ڦڙتي ۽ هوشياريءَ سان ڪري رهي
ماڻهوءَ کي قدرت وٽان گهڻو ڪجهه سگهو

هنجا هيٺيون ٻار اميريڪا ۾ رهندا آهن
ڏهن به ڪين خط لکندو آهيان ته اها ئي
ندو آهيان ته قدرت وٽان انتظام جا طور
نو ته هميشه خوش به رهندءُ ۽ واڌارو به
ارو منهنجي وڏي پٽ راجوءَ نوڪري
هنجو ڏنڊو شروع ڪيو ۽ جڏهن مونکي اها
ائين ته مون ڪيس هن طرح لکيو :

يارا راجو، مان قدرت جو اپياسو آهيان
تي ئي لکڻ چاهيندس. پهرين ڳالهه ته
همت ۽ جريت ڪندا آهن، اُهيئي
ٿيندا آهن. اهو قدرت جو نيم آهي.
شڪاري جانور Carnivores ئي مٿيرا
ي) هوندا آهن. انهيءَ ۾ ڪو به شڪ نه آهي
ڙا ماڻهو هميشه Apex تي رهڻ چاهيندا
ڪري اهو لازمي آهي ته تو ۾ شڪاري
ا گڻ هئڻ کپن. مان چاهيندُس ته تون
ٿيرو رهين، پر وڏين، ويجهين. توکي
ڪ ڳالهه ياد رکڻ کپي ته شڪاري جانورن

کي وڏي ايريا گُهرجندي آهي، جنهن ۾ ڪافي شڪار موجود هجي ۽ شڪاري جڏهن چاهي پنهنجي مرضيءَ موجب شڪار ڪري سگهي. جهنگل، جنهن ۾ شڪاري به هڪ پراڻي آهي، جي تَندُرستيءَ جي وڏي جوابداري شڪاريءَ تي آهي. صرف پنهنجي ڪرڙي نظر سان ئي شڪاري جانور، شڪار کي چُستُ رکندا آهن. اهڙيءَ طرح سان اسانکي به ڪرڙي نظر سان پنهنجي زيردستن Sub-ordinates کي چُست رکڻو آهي. قدرت ۾ اجائي خونريزي بلڪل ڪانهي. شڪاريءَ جو پيٽ ڀريل هوندو ته شڪار ڪيترو به ويجهو هجي، شڪاري اک کڻي به نه نهاريندو. مون ڏٺو شڪاري جانور شڪار جي بلڪل ويجهو آرام ڪندي ڏٺا آهن. ٻي هڪ اهم ڳالهه جيڪا شڪارين ۾ هوندي آهي، سا آهي ته هو پنهنجي شڪتي ڪڏهن به اجايو برباد نه ڪندا آهن. حساب لڳائيندا ته اگر شڪار پڪڙي سگهبو ته جريت رکي حملو ڪندا، باقي جي لُڳن ته ڪوشش اجائي ويندي، ته ڪَرُ ئي ڪو نه ڪڍندا ۽ ائين ڏيکاري ڏيندا ته ڄڻ ڪين گُهرج ئي ڪينهي. پر شڪار هميشه شڪاريءَ جي موجودگيءَ ۾ ساوڌان هوندو آهي.

اميريڪي سماج به شڪاري سماج Carnivorous آهي ۽ انڪري ئي Apex تي يعني مٿيري آهي. جيڪڏهن توکي ان سماج ۾ رهڻو آهي ۽ وڌڻو ويجهڻو آهي ته لازمي طرح توکي به

تون لوٽيائيءَ واريءَ منجهان/هڪ تهذيبي ڪوٽ اڏج
جنهنجي پٽين تي اُڪرڻ لاءِ مان/پائرن ڪان
سندن نالو ۽ ناٺو آڻي سگهندس!

منهنجي چمڙيءَ ڪان، گرم واري اندر ويندي
تنهنجي خون کي، ٿڌي واري پي ويندي

تون منهنجي لاش جي سيرانديءَ ڪان شعر چئج
مان تنهنجي لاش جي پيرانديءَ ڪان ڪوتا
چوندس.

ڪنهن هڪ شام ضرور
وهنداسين/پيئنداسين/پگهت وجهنداسين ...

هن ڪوتا-سنگره ۾ بيون بہ ڪيتريون
چيندڙ ڪوتائون آهن.
’من-ميلاپ‘، ’گيت‘، ’زندگي‘، ’لفظ‘
توهان جهڙيون بہ پڙهڻ چاهيو

پريم پرڪاش هڪ ويچاروان، هڏيچيوي
آهي، هن جي رچنا-سنسار جو معيار، ٻوڏڪ سطح
تي، ايترو اونچو آهي، جو تهن تائين پهچڻ ۽
ماڻڻ آسان نہ آهي.

’پگهت‘ ڪوتا جي شبد، ارٿ، کي، پاڻ ۾
پيهي، سمجهڻ ۽ پروڙڻ جي ڪوشش ڪريو.
ڪويءَ جي پيڙا کي محسوس ڪري سگهندا.
ورهاڱي ڪان پوءِ سنڌي قوم جي دردشا، اڪين سان
ڏسي سگهندا. هر فنڪار، پنهنجيءَ رچنا ۾ پاڻ
کي اوتي ٿو. هلڪڙو ٿيڻ، سندس رچنا-پرڪريا
جو سڀاءُ نٿو بڻجي سگهي. ساهتيہ جا ملهہ مقرر
ڪرڻ، ڪڏهن ممڪن ٿي نہ بڻيو آهي.

هن ويچاروان، ساهتڪ-جڳت کي
ڪيتريون ئي Challenges بہ ڏنيون آهن.

بہ اڪل ڀارت ساهتڪ سيمينار هت احمدآ
۾، سواءِ ڪنهنجي بہ آرٿڪ مدد جي، مکيہ مهم
جي. پوني ۾ ’غزل‘ تي سيمينار. ’تنقيد‘
سيمينار، ڪن چونڊ ڪتابن تي، سنڌالاجيءَ
اڳڻ آديپور ۾. بيون بہ ڪيتريون تخلي
سرگرميون. ڊراما ورڪ شاپ جا ڪجهہ اُهي ڊرا
جن جا قدر ۽ مُلهہ، پنهنجو معيار پاڻ مقرر ڪ
سگهيا آهن.

ضروري ناهي توهان سڀ ڪيس ان سه
تي سڃاڻندا هجو. هر يگ ۾، سڃاڻپ صر
اُهي حاصل ڪري سگهيا آهن، جيڪي، ڪن
بہ طريقي سان پاڻ کي مشهوُر بڻائي سگهڻ
ڪامياب ويا آهن.

تڏهن بہ، هنن ڪوتائن کي چنڊڻ گه
هئو. اُهو دوُر برابر آيو هئو، نئين ڪوتا جي اته
۾، جڏهن يا تہ تمام ننڍيون ڪوتائون لکڻ
فئشن هئو، يا تہ تمام وڏيون ڪوتائون لکيون پ
وييون. اُهو ڪويءَ جي پرک وارو دوُر هئو. امتح
وارو دوُر هئو. هڪ نئين صنف پنهنجيون پاڙ
ڳولهڻ ۾ سرگردان هئي.

ڪوي، پاڻ کي ٿانئيڪو بڻائي، سرل ۽ س
بڻجي، پنهنجي من کي ڇهندو هلي، تہ پاڻ
تائين پهچڻ ڏکيو نٿو بڻجي.

ڪوتا ۾، لفظن لاءِ، زير، زبر، پيش جو
بلڪل ضروري آهي نہ تہ ارٿ نٿو نڪري.
نئين ڪوتا جي اتهاس - پرڪريا ۾
ڪوتا سنگره هڪ حاصلات آهي. بيسٽ سنڌي
ممبئيءَ طرفان ١٩٩٧ ۾ شايع ٿيو آهي.

B, Sardarnagar
nedabad - 382475

عطري کان خالي نہ آهي.

EXOT ٻهلي جانور، ٻوٽا يا انسان هُجَنِ،
مبوط ٿيندا آهن ۽ بلڪل آسانيءَ سان
واسين کي يا تہ هڪالي ٻاهر ڪڍندا آهن،
مثال حاوي ٿيندا آهن. (Exotics جي لاءِ
و سنڌي ٺُڙُ لفظ ڪو نہ ٿو سُجهي پر مان
معنيٰ هن ريت ڪندس. جيڪو پنهنجي
، ٻوءِ ٻهلي ڌرتيءَ تي يا پاڻي ۾، پاڙون
ڪتو هجي ۽ جنهن کي بلڪل اوپري وطن
ٽو ڪجي تہ هاڻي هت رَهَہُ ۽ وَڌُ، اهڙن
زيءَ ۾ Exotics چئبو آهي. اسين سنڌي
هڪ قسم جا Exotics آهيون جيڪي
ري دنيا ۾ ڦهلجي ويا آهيون) جانورن
ي حالت ۾ مڪاني جانورن ۽ ٻوٽن جا
ساس هوندا آهن، جڏهن Exotics اچي
ن ايراضيون والارينڊا آهن، تنهن جي
ڻ نہ آهي. پر ماڻهن جي حالت ۾ اڪثر
ماڻهو Exotics کي ڌڪاريندا آهن ۽ جي
سگهندا آهن، تہ بہ بُغض دل ۾ ضرور
ن. ڪو ڪو Exotics اهڙو ٿيندو آهي
مڪاني ماڻهو ساراهہ ڪندا آهن، يا تہ
ڻ ڪرڻ چاهيندا آهن. توهين بہ اميريڪا
سم جا Exotics آهيو ۽ مان چاهيندس
رهڻي رهو جو مڪاني ماڻهو نہ رڳو
پر توهان جو نَقُل ڪن.

ي مان تنهنجي اڳيان قدرت مان مثال
دس ۽ چاهيندُس تہ تون پاڻ لاءِ اُن مان
عڙو ڪڻ ۽ ٻوءِ يڪ تڪ اُن مثال تي هلڻ
ش ڪر. هندستان ۾ هڪ تمام عام وڻ
جنهن کي بڙُ ڪوليندا آهن. هيءُ وڻ

ڏاڍو ڇاياڊار ۽ گهاٽو ٿيندو آهي ۽ سندس شاخُنِ مان هڪ قسم جون لامون نڪرنديون آهن، جي زمين تي پهچڻ سان پاڙُنِ جو ڪم ڪنديون آهن ۽ ائين وڻ جو وستار وڌندو رهندو آهي. پر هن وڻ جون پاڙون اونهيون ڪو نہ وڃن ۽ وڻ جو وزن خير ڪو جهلي سگهن. انڪري هلڪي طوفان ۾ بہ بڙ جو وڻ پاڙون پٽجي ڪري پوي. تو هي وڻ پُٺ - ماندويءَ واري رستي تي يا بڙودا ۾ ڪافي ڏٺا هوندا. جتي جتي بڙ آهن، اُتي اُنهن جي پنهنجي اهميت آهي ۽ مڪاني جانورن، پکين ۽ ماڻهن لاءِ نعمت آهن. پر سندن ڪمزوري اها آهي، جو هو ٿوري طوفان کي بہ سهن نہ ڪندا آهن، ڇاڪاڻ تہ سندن پاڙون ڪمزور ۽ ٿُڙَ بلڪل وزندار ٿيندا آهن.

ٻيو آهي هڪ اميريڪن وڻ جنهنکي اِتي SEQOUA چوندا آهن. ڪئليفورنيا ۾ سيڪووا نئشنل پارڪ آهي. ڪڏهن وجھ مليئي تہ اهو پارڪ ڏسي اچ ۽ سيڪووا وڻن کي ڀاڪر پائي اُنهن کان ڪجھ سکڻ جي ڪوشش ڪر. سيڪووا ڌرتيءَ تي سڀني کان لنبو وڻ آهي ۽ هزارين سال جيئرو رهندو آهي. سندس پاڙون تمام مظبوط ٿينديون آهن، جو وڻ جي مٿئين حصي جو وزن جهلي بيهنديون آهن ۽ طوفان وغيرہ جي پرواهہ نہ ڪنديون آهن، تڏهن ئي تہ هي وَڻَ هزارين سال جيئرا رهي سگهندا آهن. پارڪ ۾ هڪ اهڙو بہ وڻ آهي، جنهنجي ٿُڙَ مان ٽنيل ٺاهي رستو ڪڍيو اٿن ۽ ان رستي تان موٽرن جي آمدرفت جاري آهي. رستي جي ٻنهي پاسي وڻ جو ٿُڙُ آهي. سيڪووا بہ مڪاني جانورن پکين ۽ ماڻهن لاءِ نعمت آهي ۽ اميريڪا جي هڪ وڏي ودوان، مان تہ اُنکي سنت ليکيندو آهيان، John Muir هنن وڻن جي

انهن جا ئي طور طريقا وٺڻا پوندا. هڪ پرانتي misconception کان توکي آگاهه ڪرڻ چاهيندس. گهڻين ڳالهين ائين سمجهيو ۽ مڃيو ويندو آهي ته شڪاري جانور ڀاڻ ۾ وڙهندا رهندا آهن ۽ خواهه مخواهه جي خونريزي ڪندا آهن ڇاڪاڻ ته جهنگل جو قاعدو آهي Survival of the fittest . حقيقت ان جي بلڪل اُبتڙ آهي. شڪاري جانور خير کو ڀاڻ ۾ وڙهندا آهن، ڇاڪاڻ ته ڪين زخمجڻ ۽ بيمار پوڻ جو احساس هوندو آهي. شڪاري جانور صرف وڙهڻ جو ڏيکاءُ ڪندا آهن، گجگوڙ ڪندا آهن، ڏند ڏيکاريندا آهن ۽ پنهنجن سيني هٿيارن جو مُظاهرو ڪندا آهن ۽ پوءِ ’جي هو نه ڀڄي، ته پاڻ ڀڄي وڃجي‘ واري پاليسي اختيار ڪندا آهن. ڪوشش ڪري موت به شان شوڪت سان ڪائيندا آهن، پر جي لڳندو اٿن ته شان برقرار نه رکي سگهبو ته پُڇ پائي به ڀڄندا آهن. هڪ ئي ڳالهه اهم هوندي آهي ۽ اُها آهي جيون Survival . جيئرا هونداسين ته وري سڀاڻي ڪوشش ڪنداسين. اميد ته تون منهنجي ڳالهه سمجهي ويو هوندين.

ڪي سال اڳ Patton فلم ڏٺي هئم. جنرل پٽن ٻين مهاڀاڙي لڙائيءَ ۾ تمام مشهور اميريڪن جرنيلن مان هڪ هو. يورپ ۾ لڙايون ڪٽندي پنهنجي فوجن اڳيان ڏاڍيون معنيٰ ڀريون تقريرون ڪندو هو. هڪ ڀيري پنهنجي سولجرن کي چيائين : تواريخ ۾ ڪنهن به حراميءَ پنهنجي ملڪ لاءِ شهيد ٿي لڙائي ڪا نه کٽي آهي. لڙائي تڏهن ئي کٽبي آهي جڏهن ٻئي ملڪ جي ويچاري حراميءَ کي سندس ملڪ لاءِ شهيد ڪبو آهي. ’پنهنجي مري وڃڻ کانپوءِ مري وئي دنيا‘ سنڌيءَ جو مشهور پهاڪو آهي.

رواجي اميريڪن نهايت ئي نيڪ دل انسا
آهي ۽ تمام سهڻو ۽ پروسي پاتر آهي. پر
Corporate اميريڪا يعني وڏيون ڪمپنيون
سرڪار تمام وڏا Carnivores آهن ۽ جيئن شينه
۽ چيتي کي شڪار ڪرڻ ۾ اخلاق Ethics جو
ڳالهيون نه ستائينديون آهن، تيئن هنن کي
شڪار ڪرڻ مهل صرف پيٽ جو ئي خيال هوند
آهي. اهو سندن قدرتي سڀاءُ آهي ۽ اُنلاءِ ڪين ڏ
ڏيڻ بدران، رمز کان ڪم وٺڻ گهرجي. ڪڏه
به انهن وڏن شڪارين جي منهن ۾ نه وڃڻ کپي
مون قدرت ۾ هڪ شينهن جي ٻُري درگتي ٿيندي
ڏٺي آهي ۽ اُنمان سبق اهو ئي پرايو اٿم
شينهن جي منهن ۾ ڪڏهن به نه وڃڻ کپي.

جهنگل ۾ هڪ شينهن کي چيلهه کان هيٺ
اڌرنگ ٿي پيو. سندس پويون ٻه ٽنگون بلڪ
نڪميون ٿي ويون، پر سندس منهن ۽ اڳيون ٽ
بلڪل برابر هئا. گجگوڙ ڪري ٿي سگهيو، وا
سان چڪ به پائي ٿي سگهيو، پر هلڻ کان هلاڪ
هو. ڏاڍيءَ پيڙا ۾ هو. سڀ کان پهريائين ٻُجه
اها ڳالهه ڳولهي لڌي ته شينهن هلڻ کان لاچ
آهي، انڪري انهن هن کي پُڇَ جي هيٺان ڳُد
مان وار ڪرڻ شروع ڪيو. ڏاڍيون رڙيون ڪيائين
پر نه چرڻ جي ڪري سندس آنڊا ويا ٿي ٻاه
نڪرندا. ڪنهن گدڙ کي به ان ڳالهه جي پر
پيئي ته شينهن لاچار آهي، تنهن نه ڪئي ه
نه ٿم وڃي منهن ۾ چڪ هڻڻ جي ڪوشن
ڪيائين ته هڪ ئي ڏک سان ٿو ڪم تمام ڪيا
نتيجي طور سندس سر ڌڙ کان ڌار ٿيو. سرڪاري
۽ ٻيا وڏا اِدارا به ان اڌرنگ ۾ مبتلا شينهن وان
آهن، جيڪي چُرڻ پُرڻ کان لاچار آهن ۽ سند
پليان مال کڻڻ ۾ جوکم گهٽ آهي، پر منه

و ڪم پورو ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ رڻ ۾
جيئري ٽوڙي مئي، رڻ جي سيني
ن کي ڪم ايندو آهي.

عاٽي اسين مائٽ اُهي وليون هئاسين جن
چانو ڏيئي سج جي سڌي گرميءَ کان
اوهين هينئر ساوارا ٿي سيني جي ڪم
اسانجو پاڙون پڄڻ سڪارٿو ڇئبو.

١٩٩٠ ڌاري منهنجي ٻارن وٽان هڪ خط
ن ۾ ڳنن قرب جو اظهار ته ڪيو ٿي پر ڏو
ٿون ته اسانکي اسانجو ضمير ڪافي لعنت
رهيو آهي ته اسين هتي سُکي زندگي بسر
رهيا آهيون ۽ توهانجي وڏنڌ عمر ۾ اسين
ي شيوا نٿا ڪري سگهون. مون کين جواب
زي اميرڪن ڪهاڻيڪار Jack London
يءَ آکاڻي لکي موڪلي.

روس جي سائبيريا ۽ اميرڪا جي الاسڪا
ي تندرا چئبو آهي. هميشه برف پئي پوي
جو نرواه ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. تنهن
ٻه اُتان جا رهواسي ايسڪيمو ان جيوت
ي ويا آهن ۽ صدين کان اُتي رهندا اچن.
ڪ ايسڪيمو ڪٽنب جي ڪهاڻي آهي،
ر هڪ پوڙهو آهي، پوڙهي جا جوان نُونهن
آهن ۽ هڪ ننڍڙو پوٽو آهي. ايسڪيمو
س ڦيندا آهن ۽ روزي روٽيءَ لاءِ ڀڪندا
هن. هيءُ ڪٽنب گاڏيءَ ۾ سورهن ڪُتا
شڪار جي ڳولها ۾ نڪتو آهي. تندرا ۾
ون حالتون آهن ۽ شڪار ڪٿي ٻه ڪونهي.
حالتن ۾ پاڻ کي ۽ ڪُتن کي جيئرو رکڻ
يمو ڪمزور ۾ ڪمزور ڪُتي کي ڀائي
۽ باقي ڪُتن جو پيٽ ڀريندا آهن. ائين

ڪندي ڪندي باقي وڃي چار ڪتا بچيا آهن ۽ گاڏي ڪو نه ڍا ڇڪي سگهن. پوڙهي پنهنجي پُٽَ کي صلاح ڏني آهي ته کيس گاڏيءَ مان لاهي وزن گهٽائي، پاڻ ٻارن سوڌو شڪار جي ڳولها ۾ نڪري وڃي. پٽ اها ڳالهه سمجهي ٿو ته بابا کي هتي لاهڻ معنيٰ کيس شڪاري جانورن جو کاڄ ٿيڻ لاءِ ڇڏي وڃڻ ۽ هو اها ڳالهه قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. تڏهن پوڙهو پنهنجي پٽ کي چئي ٿو ته زندگيءَ ۾ مون گهڻيئي شڪار ڪيا آهن ۽ هاڻي منهنجو شڪار ٿيڻ جو وارو اچي ويو آهي. اهو قدرت جو قانون آهي. اسانجي اڳيان ٻه رستا کليل آهن ته يا ته گڏيل آپگهات ڪريون، يا ته پنهنجي مستقبل جو خيال رکي، جيئن ڪُتا ڪاڏا ائائون، تيئن پاڻ مان ٻه قرباني ڏيون ته جيئن باقي ٻچيلن کي جيئڻ جو وجهه ملي. وڏيڪ پوڙهو پنهنجي پُٽ کي ٿو چوي ته جي هيءُ ڇوڪرو ٻچي ويو ته سمجهجانءِ ته مان جيئرو آهيان، پر جي هيءُ ڇوڪرو مري ويو ته اسان جو ڪٽنب ئي مري ويل سمجهڻ گهرجي. دل تي پٿر رکي پُٽ پيءُ کان موڪلائي روانو ٿو ٿئي.

مان چاهيان ٿو ته منهنجي ايندڙ پيڙهين مان ڪو اهڙو نڪري جو نوبيل انعام کٽي، ته مان سمجهندس ته مان اُن ايندڙ پيڙهيءَ ۾ جيئرو آهيان ۽ چاڪاڻ ته اها ڳالهه هاڻيٰ هِنَ مُلڪ ۾ ممڪن نه آهي، مون خوشيءَ سان توهانکي هتان وڃڻ جي صلاح ڏني آهي. پنهنجي ضمير کي سمجهايو ۽ خاطري ڪريو ته مان پنهنجن حالتن ۾ بلڪل خوش آهيان.

94, Sector 1
Gandhidham - 370201

ڪلڻ تي قانوني روڪ لڳارائي آهي.

توڪي اهو فيصلو هينئر ئي ڪرڻو آهي تہ تون ٻڌُ ڏيندين يا سيڪووا. تنهنجو فيصلو اسانجي ايندڙ پيڙهين کي بہ متاثر ڪندو ۽ انڪري سوچي سمجهي فيصلو ڪر. وچ لڙائيءَ ۾ گهوڙا نہ بدلائبا آهن.

قدرت جو عاشق هئڻ کان علاوه مون زندگيءَ ۾ صوفي ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مان بلڪل ايمانداريءَ سان ٿو چوان تہ زندگيءَ ۾ مون گهڻو ڪجھ پاتو آهي. منهنجي گهر ۾ ٻيئي ماتائون - لڪشمي ۽ سرسوتي - براجمان آهن ۽ ٻنهي جي مونتي اسيم ڪرپا آهي. انڪري مون زندگيءَ ۾ ڪنهن بہ قسم جي غريبي نہ ڏٺي آهي. مون ڪڏهن بہ پاڻ کي اڳيان ڪرڻ جي يا پنهنجي عڪس کي اُڀارڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي. اڄ صبح جو اوشو رجنيش جو صوفين تي ڪتاب ٿي پڙهيم. چئي ٿو تہ خيالن جي ڏي وٺ ضرور ڪريو، مگر هڪ خيال ۾ محڪم ٿي ٻئي جي ڳالھ نہ ٻڌو يا اُنکي گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش بلڪل نہ ڪريو. سمجهانٿو تہ اڄ گهڻو ئي وعظ ڪيو اٿم، انڪري هاڻ تنهنجي جواب جو انتظار اٿم.

منهنجو ننڍو پٽ نرنجن، جنهنکي گهر ۾ نجو چوندا آهيون، ١٩٨٥ ۾ امريڪا پڙهڻ لاءِ ويو. ١٩٨٦ ۾ مون کيس ڪجھ هن طرح لکيو هيو :

امريڪا جو وڏو رَڻُ سونورن Sonoran Desert آهي، جو ڏکڻ اولھ يونائيٽيڊ اسٽيٽس ۽ ميڪسيڪو ۾ ڦهليل آهي. هن رَڻ ۾ دنيا جو وڏي ۾ وڏو ٿوهر Cactus ٿيندو آهي جنهنکي ساوارو Saugaro چوندا آهن. ساوارو ٥٠ فوٽن جي اونچائيءَ تائين پهچندو آهي ۽ رِڻ جي سيني

پراڻين - جانورن، پکين ۽ ماڻهن لاءِ ڪجھ نہ
ڪجھ ميسر ڪندو آهي. ان لاءِ رڻ جا سڀ پراڻي
ساوارو جي اردگرد ڦرندا آهن. ساوارو رڻ ۾ مٺي
پاڻيءَ جو جڻ هڪ Water Cooler آهي، جنهنکي
سڀ پراڻي سڃاڻندا آهن ۽ پنهنجي اُڃ لاهيندا
آهن. پکي ۽ جانور ساواري جي ٿُڙَ ۾ ٽُنگہ ڪري
امبرت جهڙو پاڻي پيئندا آهن ۽ جيئن ئي هنن
جو ڪم پورو ٿيندو آهي، تيئن ساوارو پنهنجو
زخم ڀري ڇڏيندو آهي. آهستي آهستي پاڻي
گهٽجڻ لڳندو آهي ۽ ساواري جو مٿيون حصو
سُڪڻ شروع ڪندو آهي. اُن سڪل حصي ۾ ڪيترا
پکي پنهنجا آکيرا ناهي، پنهنجي ٻچن کي
شڪارين جي نظر کان محفوظ رکندا آهن. جڏهن
سڄو ساوارو سُڪي ويندو آهي، تہ سندس لڪڙيون
ماڻهو ٻاريندا آهن.

جوانيءَ ۾ ساوارو ڪاڇي جهڙو هڪ ڦل
ڏيندو آهي، جو رڻ جا سڀ پراڻي ڏاڍو چاه سان
کائيندا آهن. هرهڪ ساوارو جو وڻ اهڙا لکين ڦل
اُپائيندو آهي، پر صرف ڪي ٿورائي انهن مان
ٻج ڄجو روپ وٺي وري ساواري جا وڻ ٿيندا آهن
جو جڏهن ساواري جو ٻجُ ڦٽندو آهي تہ سورج جي
تاپش بلڪل سهن نہ ڪري سگهندو آهي ۽ مري
ويندو آهي. هاڻي قدرت کي خبر آهي تہ هن وڻ
جو هئڻ رڻ جي پراڻين لاءِ ضروري آهي، انڪري
قدرت اُن ڦٽندڙ ٻج کي سورج جي گرم ڪرڻن
کان بچائڻ لاءِ سندس مٿان وَليون Creepers
ڦهلائيندي آهي، جيڪي ڇٽيءَ وانگر مٿانهس
ڇانوَ ڪري بيهنديون آهن. جڏهن ساوارو جو اه
ٻَڇَڙُ اُس سهڻ جهڙو ٿيندو آهي تہ سندس وا
بلڪل تڪڙي ٿيندي آهي ۽ اُن تڪڙي واڌ
ويچاريون وليون پاڙان پٽجي وينديون آهن. پ

دلگير جو ليک، 'ورهاڱي کان پوءِ ڀارت ۾
موزون شاعريءَ تي هڪ نظر' بيشڪ هڪ
پيپر آهي. هن جي اَسيسمينٽ ۾ شايد ئي
- ڪٿي معمولي اَسمتي نظر ايندي. ضيا
ي واسديو موهيءَ تائين هن چار دؤر ٺاهي،
تفصيل ڏيئي، موزون سنڌي شاعريءَ جو
ڪيو آهي. برابر پورا مثال ۽ حوالا ڏيئي،
ءَ جي عمل ۾ آيل روپن کي ترتيب سان
ويو آهي. دلگير ان ڪم ۾ ڀاڱ کي 'اٿارٽي'
ڪري سگهيو آهي. 'موزون نئين ڪويتا'
هن هڪ سهوليت ڀريو عنوان ٺاهيو آهي،
بي ميل يا منجهيل آهي. مان جيڪر
ي - موزون شاعريءَ جو اِتهاس لکڻ جو ڪم،
رادو ئي سهين، هن کي ڪرڻ گهرجي.

واسديو موهيءَ 'سنڌي نئين ڪويتا' تي
جيان، ڀل نه نباهيو آهي، پر هن، ٢٥ سالن
ئين ڪويتا جي اتهاس کان وڌيڪ، نئين
جي شاستر تي، بهتر لکيو آهي - البت،
ن جي ايڏي گنجائش نه هئي. ڪاليج ۾،
يءَ ۾ ڪمزور ڇوڪرين کي، مان هڪ جوڪ
آهيان. 'اسان توهان کان امتحان ۾ جيڪي
جي اُهو نه ايندو هجي، ته توهان کي
ايندو هجي، اهو لکي ڇڏجو. پوءِ ناپاس ٿيڻ
ي ويندو.' پر موهيءَ سَولو ڪم ڇڏي ڏکيو
ڪري ڏيکاريو آهي.

واسديو موهيءَ چار مُدا کنيا آهن. ١. نئين
- آدبي ڀرولي - (اها ڇا نه آهي.) ٢. نئين
ادب لطيف ۽ آزاد نظم کان ڪئن الڳ
(موضوع به ڪويتا کي 'نئون' بڻائن ٿا!)
. مکت ڪويتا، ڪوتا ڪئن ليکجي. (ٻوليءَ
تو خود ۾ اهم فرق بڻجي ٿو.) ٣. نئين

ڪوتا - اظهار جو زوردار ذريعو (هٿ: معنائن جا تهه به ان کي نئون ڪن ٿا.)

هت ڏنگين جا لفظ منهنجو رايو نه پر موهيءَ جي اُپٽار جو اختصار آهي. موهيءَ هن ليک ۾ صاف - صاف نئين ڪوتا جي جبري وڪالت ڪئي آهي. پر هن کان سواءِ خير ڪو مکيه نئين ڪويتا ڪار - موزون شاعري لکي ٿو، جئن هوُ خود غزل ۾ اڳرو رهيو آهي. موهيءَ جي چئن مُدن سان ان ڪري سهمت ٿيڻ مشڪل آهي جو اهي سڀ هڪ-ٻئي سان وڪوڙيل WEB جي روپ ۾ نظر اَچن ٿا. نه ئي هن اُنهن جي سمجهاڻي الڳ - الڳ ڪئي آهي. ان ڪري مون کي لڳي ٿو، نئين ڪويتا جي شاستر جو لکجڻ اڃان باقي آهي.

اديب ۽ نقاد (يا اتهاسڪار) ۾ اهو فرق آهي ته اديب اکيون کولي رچنا ڪندو آهي ۽ نقاد اکيون بند ڪري. پر هت موهيءَ جي نالن ڳڻائڻ جي اُدارتا ضرورت کان زياده آهي. شايد هن ڀُوريون اکيون نه ڀُوريون آهن. هونءَ هن اول چار، پوءِ ١٢ ۽ پوءِ وري ١١ نڪتا نمبر وار لکي، گهٽ ۾ گهٽ ڀهريون دفعو نئين ڪويتا سان، دوبدو ٿيڻ جو جبرو ساهس ضرور ڪيو آهي - البت سنسڪرت ڪاويه شاستري 'ڪويتا جي آتما' جي سلسلي ۾ پنهنجا سمپرداي ٺاهي ويا آهن ۽ پوءِ آنند وردن جهڙا ڪاويه شاستري النڪار - سمپرداي جي وروڌ ۾ دليلون ڏيئي ويا آهن - ائين موهيءَ جو غزل ڪار 'نئين ڪويتا' جو سمپرداي ٺاهي نه سگهيو آهي؛ اها ٻي ڳالهه آهي. هاڻ وقت آيو آهي، موزون ڪويتا جو به، موضوع، لهجو، طنز يا اشاريت، تز اظهار ۽ اختصار ۾ هئڻ جي خيال کان 'نئون' هئڻ، لازمي آهي. ٻين لفظن ۾ موزون ڪويتا به

مخزن رِويوُ/ نامديو تاراچنداڻي

ساڃ چوڻ جي چوٽ

جنهن کي، 'سنڌي ڪويتا جا ۵۰ سال' چئي سگهجي، اهڙو خاص انڪ 'رچنا' ۸۵ (جنوري - مارچ - ۲۰۰۰) بزرگ شاعر پريو وفا جي رنگين تصوير ساڻ آيو آهي. شاعر وفا جي هيءَ تصوير، ڪنهن ساهتيڪ پروگرام جي سلسلي ۾ نڪتل، بي - ترتيب بئڪ گرائونڊ باوجود، بهتر ڪلوز - اَپ آهي. اَڌُ يا سَڄي بجاءِ مُني سائيز ۾ - جنهن ۾ هن جي مک تي ڇانيل حليمائي ۽ جينس ۾ پيل شرٽ هن جي باندرا بمبئيءَ جي گوپال نگر جي ڳوٺائي (!) هئڻ جي جهلڪ ڏئي ٿي. وفا هڪ قداوَر شاعر آهي، پر هن جو سياءُ ٿي نہ، آواز بہ، نماڻو لڳندو آهي. اسان وٽ هن وقت حاضر شاعرن ۾ دڪايل کان پوءِ سين کان بزرگ شاعر آهي.

'رچنا' جو هيءُ پرچو 'خاص ڪويتا انڪ' آهي. سنڌي ٽائيمس، ڪونج (محاذتي) ڪويتا، 'خاص ڪويتا انڪ' جي سلسلي ۾ هيءُ پرچو گهڻو اڳرو تہ آهي ئي، پر هيءُ هڪ اتهاسڪ دستاويزي پرچو بہ بڻيو آهي. هت منگهارام ملڪاڻيءَ کان وٺي سدارنگاڻيءَ تائين ۵٦ ڪوي شامل آهن - هنن جون ڪوتائون، چيبل يا اڻ چيبل تہ شامل آهن ئي، سندن فوٽو، جنم (۽ جتي لاڳو آهي اتي مرتيو) جون تاريخون، ڪويتا جا سنگرهہ ۽ هنن جي ائڊريس بہ ڏنل آهنِ.

شاعرن جا فوٽو گراف بہ خاص چونڊيل ٿا نظر اَچن. گهڻا تہ ٻئي هنڌ ڇپيل نہ هوندا. جنهن کي ڪي ويجها دوست فوٽوگرافر طور ئي سڃاڻندا آهن، اهڙي شيام جئسنگهاڻيءَ جو فوٽو - پرنٽ سين کان خراب اَچڻ يا ڪو صفح رهجي وڃڻ يا رپيٽ ٿيڻ، دڪايل صاحب جي رچنائن اڳيان سائينِ مارڪ غلط اَچڻ - ڪجھ ڪلڪڻ باوجود، هيءُ سڀ هن طرح پار پوڻ سچ تہ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي - صاحب بجاڻيءَ جي ان پنيان ڪيل جاکوڙ جو ئي هيءُ ڦل ٿي سگهي ٿو - سين جي اڻ ڇپيل رچنائن يا بهتر ڇپيل رچنائن پنيان لکمي کلاڻيءَ جي محنت نظر اَچي ٿي. رچنا جي ايڪ روپتا UNIFORMATION هن خاص انڪ ۾ بہ قائم آهي.

'شاعريءَ جو مفهوم' انڪ جي يوگيہ سمپادڪي ليک ۾ شاعريءَ جي اَهميت تي وڏيڪ لکيو ويو آهي. نئون چوڻ کان نئين نموني 'اندازي بيان' کي اهم ليکيو ويو آهي. البت اهو سڀ شاعري ئي نہ، ساهتيہ سان لاڳو آهي. هن ليک ۾، تز - بيانيءَ جي چنتا گهٽي نہ ڪيل آهي. ورنہ، ٽئگور جو 'شايد' چيل خيال ڪوٽ ڪرڻ ٺارڻ گهربو هو.

موتي پرڪاش؛ تنوير عباسيءَ جي چالاڻي تي دک- اِظهار ڪندي، هن جي لاءِ بہ - ملا ٻول چيا آهن - پر ان ۾ بہ ڪوڙا ذِڪر پڙهي، شاعر لاءِ من ۾ دهيل بہ سُڌڪا پرجي ٿا اَچن. سنڌ ٽان سِر فدا ڪندڙ، کي سنڌ ڇڏڻي پيئي ۽ هن جي وصيعت جي آرزو بہ پوري نہ ٿي!

... بحار ڏيندو فراق، ساوا پن پيلا ڪيندا!
...يل مُکڙيون ٽٽل ڦول غم جا ڳوڙها ڳاڙيندا!

... دڪايل جي ڪويتا ۾ بہ اهو اظهار آتميتا
...يو آهي ۽ پرڪرتيءَ جو چِٽُ بہ لهڪندڙ
...پر هنن جهونن ڪوين ۾ پرسرام ضيا اڳرو
...ضيا هنن جيترو جهونو نہ ٿو لڳي.

... هزارين وعده فراموش آزمايا ٿم،
... تڏهن بہ تِنِ تي رهيو آه اعتبار اچا!

... ضيا جي هي هت ڏنل غزل 'جي اکڙيون
...انڪن ها ...' سنڌيءَ جي هڪ بهتر غزل
...هونءَ هن جون شامل سڀ رچنائون موهي
...ڇڏين. گجراتيءَ ۾ ڪويتا جي مخزنن ۾
...جي جي بهترين ڪويتا کي چونڊڻ جو ڪم
... الڳ ڪوين کان ڪرائڻ جو سرشتو آهي.
...جي ۾ مون کي اهو ڪم مليو هجي تہ مان
... 'ضيا' جي ان ڪويتا کي پسند ڪريان!

... هرومل سدارنگاڻي 'خادم' جون شامل
...ن ايترو اثر ڪو نہ ٿيون ڪن. ڪيئلداس
...ي 'فاني' وطن جو صدق اظهارڻ ۾ ميار
...نہ پر ڪروڌ ۾ اَچي اڳوانن کي پِٽَ - پاراتو
....

...پريو 'وفا' هن پرچي جي سرورق جو ڪوي
...فا جي ڪويتا ۾ 'ويچار' ڪجهه گنڀير اظهار
...روع ڪيو آهي.

... بنا ٻُک وٺن ڪين ٿا طعام عمدا،
... جي بک آ تہ ڍوڍي ٻَصَرَ ۾ مزو آ!

...'پنجڪڙا' هن جي خاص پيشڪش ڇئي
...ي آهي. لعل سائينءَ جا 'پنجڙا' بہ ڪاويہ
... هت ياد ڪرڻ گهرجن.

هري دلگير هونءَ ڳڻتي ڪري فهرست ۾
ٽاپ تي رهندڙ ڪوي آهي. هت جنم تاريخ جي
سلسلي ۾ دلگير صاحب 'وفا' کان پوءِ ٿو اَچي،
پر ڪويتا ۾ هو ڳڻتي کان اڳتي آهي. دلگير جي
ڪويتا نسبت ڪجهه هي اَثر جهلجهڻ سڀاويڪ
آهن، جڏهن تہ دلگير هڪ سُجاڳ سلجهيل صاف
سُٿرو آشاوادي شاعر آهي. هو پنهنجين خوبين ۽
مريادائن کان بہ سجاڳ آهي. هن جي ڪويتا جي
سامهون هڪ پاٺڪ حاضر ويٺو آهي جڻ. هو ائين
ڪويتا لکڻ کان وڌ پڙهڻ جو شاعر لڳندو آهي.
ڪويتا ۾ لفظ، ڇند ۽ خيال طرف هو چست رهندو
آهي.

ٽپ ٽپ تي ڏنگو ۽ جهڳڙو، ڇا تہ جَنُوني ڌرم،
تنهن کان آءٌ، اَدرمي بهتر، ڪي نہ خوني ڌرم!

ظاهر آهي هت 'ڪويتا' کان خيال کي
وڌيڪ اهميت ملي آهي.

اندر پوجواڻي بہ هڪ عمدو شاعر هو. 'تنها'
۾ هن کي ڪمال جون سٽون لکيون آهن. هن بہ
'خيال' کي اهم ڄاڻيو آهي، پر ڪويتا کي گهٽ
ڇڏيو نہ ڪيو آهي. جئن :

ڏيئر ڏجن، منٿون ڪجن، ڏجين ڏن جو ڍير!
پوءِ بہ ڦٽ - لعنت ڪن سدا! هيءُ ناتو يا وير!

'اندر' جي ڪويتا ۾ هڪ دانهن آهي.
ڀانئوا جي هن غريب ماستر ڳڻتي جي دل جيئي
هئي.

شاعر سُڳن آهوجا بہ پرسرام ضيا جيان
جهونن ڪوين ۾ هڪ بهتر شاعر آهي. جديد غزل
جو پيرو ڪڻڻ وارا سُڳن وٽ پهچي ويندا.

هر غلطيءَ تي پاڻ سان رسندي
فخر ٿيو ۽ شرم بہ آيو!

’نئين ڪويتا‘ جي ’نئين پٽي‘ ۾ سمائجي تي وڃي. جيڪي ائين نہ ڪري سگهيا آهن، اهي اڄ بہ ڪيترن سنگرهن باوجود، اتهاس ۾ ڪلوز اپ نہ ٿي رهيا آهن. دلگير جو هت شامل ليک ان جو مثال آهي.

۽ هاڻ شامل ڪوي ۽ اُنهن جون ڪويتائون، اول ڪوي : هت شامل ٥٦ ڪوين مان ١٤ کي اڪادميءَ جو اوارڊ ’ڪويتا‘ تي ئي مليو آهي. اهي آهن : عزيز، خادم، وفا، دلگير، شيام، شاد، ايم.ڪمل، آنچل، پارتي، حاسد، ڪرشن راهي، هريڪانت، لڇمڻ ڪومل ۽ موهي. هنن ۾ سيني جا هڪ يا وڌيڪ ڪويتا سنگرھ شايع ٿيل آهن - اپواد ۾ ستيش روهڙا - اندرا واسواڻي ۽ ديوي ناگراڻيءَ جا مجموعا نہ آهن. هنن ۾ ٤٧ پرش ڪوي ۽ ٩ استري ڪويتريون آهن. ومي ئي اڪيلي شاعرا آهي جنهن جي عمر ٣٠ اندر آهي ۽ سنڌي ڪويتا جو هن وقت آخرين جهنڊو هن جي هٿن ۾ آهي. سنڌ ۾ جنم ورتل شاعرن ۾ آخرين نالو نامديو جو آهي ۽ پوءِ گوپ ڪمل، ديولڻ راهي، گهنشيام ساگر، اندرا پوناوالا، مهيش نيڻواڻي، شريڪانت صدف، رشمي راماڻي ۽ ومي سدارنگاڻيءَ جو جنم آزاد ڀارت ۾ ٿيو آهي. سڀ کان وڌيڪ مجموعا ايم. ڪمل جا ١٧ آهن جن ۾ ’باھ جا وارث‘ تي اوارڊ کان پوءِ هن ١١ مجموعا شايع ڪيا آهن. ٥٦ ڪوين مان ١٤ ڪوين جو فقط هڪ مجموعو شايع ٿيل آهي. سڀ کان بزرگ شاعر هولدراج دڪايل (ڄ ـ ١٩١٠) سميت هنن مان ڪل ٧ شاعر آديپور ۾ رهن ٿا. ٥٦ شاعرن مان ١٥ شاعر حيات نہ آهن.

۽ هاڻ ٥٠ سالن جي سنڌي ڪويتا -

هن پرچي جي آڌار تي سنڌي ڪويتا - غزل رباعي، نظم، گيت، پنجڪڙا، ترويڻيون، ترائيل، تنها، للت پد (مني ڪويتائون)، دوها - سورٺا، وائي، تصويرون، مڪت ڪويتائون، بيت، ڪويتا، نئين ڪويتا، آزاد نظمون، چؤ اکرا ۽ آزاد ڪويتا جي روپن ۾ آئي آهي. (هت چوڏسي، ڪنڊ ڪاويہ، مها ڪاويہ، ٽسنا وغيرہ جو اليک نہ ٿيو آهي. اهي روپ بہ لکيا ويا آهن.)

آزاديءَ کان پوءِ جي ڪوين ۾ منگهارام ملڪاڻيءَ کان شروعات ٿي آهي. ڪاويہ - روپ جي حوالي کان سواءِ آيل ’ڪوماڻل گل‘ ۾ ڪويءَ گل جي ٽڙڻ سان ان جي حياتي گهٽجي وڃڻ کان گل کي نہ پٽڻ جي صلاح ماليءَ کي ڏني آهي- جئن اهو ڪجھ وڌيڪ ڏينهن هڳاءُ ۽ سوُنهن دنيا کي ڏيئي سگهي. هندي ڪوي ماکنلعل چترويديءَ جي مشهور ڪويتا ’ڦول ڪي چاھ‘ ۾ ماليءَ کي اهو ماتر ڀوميءَ تي چاڙهڻ جو ڀاوُ ڏيکاريل آهي. ڪويءَ جو هت ڏيکاريل ڀاوُ بہ نرالو ۽ دل کي ڇهندڙ آهي. ملڪاڻيءَ جي ٻين ڪوتائن ۾ رومانس جو ۽ پرڪرتيءَ جو چٽر آهي.

عزيز غزل ۾ چوي ٿو :

منهنجو عزير پردو ٿئي سنڌ جو ئي صحرا
آهيان مان لاش خاطر طالب نہ ٻي ڪفن جو!

هت عزيز جي ڪوتا جو مکيہ سُر وطن جي حُب آهي. پر دڪايل جو مکيہ سُر پريم جو لڪل روپ آهي - جنهن ۾ وڇوڙي جو درد آهي.

رونبا نڪتا اوبر نڪتا نڪتو پئي جڻ ساھ
ساون مان پيلا ٿيا تيلا لاب پيا ٿيو ڳاھ!

گووردن ڀارتيءَ جو (گرداس مل جو ڳايل) تمام سُريلو گيت آهي :

رهيا آهن. پوءِ بہ ٻُڌَ، جهڙي رچنا - ڪجھ چوڻ
جو بار سَهي نہ سگهي آهي. ڪجھ چوڻ ڪويتا
لاءِ لازمي نہ آهي - اهو اسان مان ڪيترن ڪوين
لاءِ ڪرشن هڪ نئون ڪنسيپٽ ڏنو آهي - ڇو جو
اسان مان ڪيترا 'چوڻ' کي ئي ڪويتا سمجهندا
آهيون.

لڪميچند 'پريم' پريم جو ڪوي آهي - يا
پريم جي آهلاڪا جو ڪوي آهي. ايشور 'آنچل'
ويچار شيل ڪوي رهيو. 'چنتن' هن جو آڌار آهي.
'ري گهريو آندو ويس هن سنسار ۾ .....' لفظ ايجاد
ڪندڙ هيءُ ڪوي ڪوڙو سچ چئي ڏئي ٿو.
'جيستائين/رنگ و بوءِ/ڪاغذي گلن/۾ گولهيندو
رهيس،/هي جهان/مون کي حسين ڀاسڻ لڳو.'
شامل مڪت ڪويتا سرس آهي -هن شعر جيان،

'منهنجون خواهشون هاڻ مون کي سمجهڻ
ڏيو،/اِڇائون لامحدود چاهت ۾ آهن!' هن جو
ننڍڙو پر اهم ڪتاب 'خاڪ لب' وري شايع ٿيڻو
هيو، جو نہ ٿي سگهيو.

آشا 'درگاپوري' جون رچنائون بہ ڪڏهن
خاص تجلو ڏين ٿيون.

ويو مري انسان جنهن چاهيو جئڻ هو،
اڄ نہ جيئڻ پيي ٿيو جڻ خودڪشيءَ جان.

گوورڌن ڀارتي گهٽ‌ڪندو شاعر آهي. فلمن
۾ لکيل گيتن سبب هو سڀ کان وڌيڪ مشهور شاعر
آهي - پر فلم کان الڳ بہ هو سنجيده ڪوي آهي.
'سئنيٽوريم ۾ پهرين رات' هن جي سوچ جون
کي صورتون ڏيئي سگهي آهي. هو جي لاڏا ۽
پڄن توڙي دوگانا نہ لکي ها تہ هن کان بہ اهم
شاعر ليکجي ها.

ڪمل 'پياسيءَ' جو شعر شعور جي سطح تي
سطحي رهيو آهي. شامل رچنائون اهو رايو ٽوڙي
نہ سگهيون آهن. ستيش روهڙا جي شامل ڪويتا
'رڄ' تضادي اظهار جي ڪوشش آهي - جنهن ۾
ڪجھ سمجهائڻ چاهيو ويو هجي. ڪويتا ۾ ان
جو خير ڪو اوڪاش آهي. 'تنها' ۾ هن کي
طنزي مفظر چٽيا آهن :

ناري هندستان ۾، آ جُتي يا ديوي.
رشتا سڀ ريتيءَ جيان، پاڻيون ٿا پر ڪنڊ.

هٽ پنهي تَنقَنِ ۾ 'فرق' ۽ 'پيٽ' مان
ڪويتا جي طنز اُڀري ٿي. پر مون کي شڪ آهي،
اها طنز هڪ هلڪو شاڪ ڏيڻ کان پوءِ ٽڪي سگهي
ٿي. جيڪو ڪويتا جو اَصلي ٻرپاهُ آهي. پر اها
مريادا، ڪويءَ جي گهٽ، رچنا روپ جي وڌيڪ
آهي.

اَرجن حاسد، اسان وٽ موجود شاعرن ۾،
سڀ کان وڌيڪ سنجيده غزل لکندڙ شاعر آهي.
چاهي، شيام جيان، هن جي ٿالهيءَ ۾ بہ ڪنڪر
پٿر ملڻ مشڪل نہ آهن.

اَرجن حاسد وٽ ٿاٽ ۽ ان جي اظهار جي
چوٽ اهڙي آهي، جو پڙهي چپ ٿي وڃڻو پوندو
آهي. هن وٽ هوشياري سياڻپ بجاءِ سوجھ ٻوجھ
وڌيڪ آهي. 'دنيا جي دنياداري' هن جي ڪويتا
جو مکيہ وشيہ آهي. هن جي شعر ۾ سچ 'چوڻ'
بدران 'چئي ڏيڻ' جو رواج آهي. جئن توهان
ڪنهن ڪانٽي ۾ چيز زور سان اُڇليو، تہ اُن جو
وزن، اصلي وزن کان وڌي ويندو. سهجتا هن جو
پيو وڏو پلس پائنٽ آهي. البت هن جون هٽ
شامل رچنائون - اهي سڀ پرماڻ ڪٽي نہ آيون آهن
- جئن هن جي شخصيت اُڀري آئي آهي.

موهن ڪلپنا جون ڪوتائون بہ گهٽو چوڻ

نارائڻ ’شيام‘ هڪ ڳهِرو شاعر آهي. هن جي ڪويتا ۾ پانڪ اَکر ٽپيءَ ۾ پئجي ويندو آهي. هت شامل رچنائن ۾ به ڪيتريون اهڙيون آهن.

ڪوئي سک جي خاطر پلڪي
۽ ڪو پلڪڻ ۾ سُک ماڻي!

هن جون رباعيون هت وڏيڪ ميناج واريون آهن:

ميناج حياتيءَ جو مگر تن ۾ آهه
جي گيت چپن تي ئي نه آيا آهن!

بس شڪايت ايتري آهي ته هن جي شاعريءَ جي ٽالهيءَ ۾ ڪي ڪنڪر - پٿر به سوئجي ويندا آهن. هونءَ ان ڪان شايد ئي ڪو بچيل آهي!

پوپٽي هيراننداڻيءَ جون شامل ٿيئي ڪويتائون ڪويتا جو اظهار ڪري نه سگهيون آهن. ’رنوويشن‘ چاهي ’عورت جي ٻولي‘ - ٻئي رچنائون ڪويتا جي ٽرناميٽر کي ڇوري نه سگهيون آهن.

واسديو موهيءَ جي هڪ سِٽ هن پرچي جي ليک ۾ آهي ته: ’نئين ڪويتا، ڪويتا جو شارٽ ڪٽ ڪونهي.‘

’ڪويتا سنگره‘ سري سان شايع ٿيل ڪيترن ڪتابن سبب اسان وٽ ’سنمان ٿيل‘ ساهتڪارن جون ڪمزور رچنائون گهڻيون آهن. اُنهن کي ناراض ڪرڻ ڪوئي نه چاهيندو. مان به نه. پر جڏهن ڪويتا جي هڪ ايماندار يا وويڪ پورڻ ڪٽ ڪرڻ جو سوال پيدا ٿئي، ته اسان سنمان ٿيل معتبر ساهتڪارن مان ايتري اُدارتا جي جو آشا نه رکون، ته هو اسان جي ڇيل وويڪ پورڻ ڪٽ جو قدر نه ڪندا. ها، اهو قبول ڪرڻ ضروري نه آهي. هت مان ٻي هڪ گنڀير ڳالهه ڪرڻ چاهيندس. اهڙن معتبر ليکڪن جي ڪمزور رچنائن ۾ لکيل مهاڳ يا ڀومڪا ساهتيه جي سڀ کان وڏي | कुसेवा | ڪندا آهن.

سُندري اُتمچنداڻيءَ جون شامل به ڪويتائون ’ڪويتا‘ جي قريب ئي اَچي سگهيون آهن - ڪويتا جو تاثر هت به ڀرپور نه آهي، پر هڪ هوا جي لهر ڇُهي ٿي وڃي. خاص ڪري ’ڏات ٻڌي آ لات‘ ۾. ٻي رچنا ’لتوڙيل درياهُ‘ ۾ اهو ڇهاءُ نه ملي سگهيو.

ارجن شاد جي ڪويتا ’صبح ۽ سانجهي‘ هڪ سوچ جو بهتر اظهار آهي. ايم. ڪمل سنڌيءَ جو شاهوڪار ڪوي آهي. هن جا ١٧ مجموعا شايع ٿيا آهن - جن ۾ ڪجهه چيزون شاهڪار به آهن. جديد غزل ۾ به هن جو نالو آهي. طنز هن جو مکيه هٿيار آهي. تضادي اظهار جو هڪ نمونو ’جيل خانو‘ هت شامل آهي. هن جي هڪ ناٽڪ ۾ ڦاسيءَ کان اڳ ’انتم اِڇا‘ پڇڻ تي ڪردار چوي ٿو. منهنجي اَنتم اِڇا آهي ته اَصلي گُنهگار کي ڳولهيو وڃي! - ايم. ڪمل جي ڪويتا ۾ به ڪڏهن ڪڏهن اهڙو ڪمال ملندو آهي.

ڪرشن کٽواڻيءَ جي ڪوتائن ۾ سانت ڏکهي ٿي سمجهي پيئي آهي. جاڳي پيئي - پر چپ آهي. هن جي اکين ۾ آڪاش جي تارن جو چمڪاٽ آهي. گهري سوچ جو سمنڊ آهي. لفظ ڪرشن وٽ پنهنجائيءَ سان هلي ٿا اچن. هو هڪ منظر ڪڙو ڪري سگهيو آهي، ٿورن لفظن سان. بس. ڪرشن ڪويتا ۾ ڪجهه چوڻ نه چاهيو آهي يا ان جو آگره نه رکيو آهي. اهو ڪم منظر ڪري

‘نيتردان’ ۾ هن جي ڪلپنا عمدو مثال
اندرا واسواڻيءَ جي ڪويتا ’ندي‘ وري
جي ڪويتا نه، پڙهڻ جي ڪويتا آهي.
ڪ مئسيج جي موهه اُن کي ڇدو ڪري ڇڏيو

شيام جئسنگهاڻيءَ جو فئنلم ڇهري جو
چتر ڪويتائن ساڻ ڏيئي، سمپادڪن
ڪول نه نيايو آهي. هونءَ اهو هن جي
ن کان وڌيڪ اثردار ثابت ٿيو آهي. نند
’چپ‘ ۾ خاص ڪجهه چئي نه سگهيو آهي.
ڪڙ ’چواڪرا‘ ۾ هڪ اظهار ’ڪويتا جو‘
نو آهي - ’نند اچيم - چاتين تي!‘

هريش واسواڻي سنڌي نئين ڪويتا جو باني
ليکيو ويو آهي. هن ان ڪويتا جي روُپ ۽
ماڊل جي ڪوٽ به پوري ڪئي. پر پوءِ روپ
ار سولو سمجهيو ويو ۽ روُح سمجهڻ مهمل
ويو. ۾لهي غلطين جو اڃان جاري رهڻ جو
ڏي سمالوچڪن ۽ سمپادڪن هڪ هئي جو
بو آهي.

هت هريش جي ڪن بهتر مثالن کي رپيٽ
و آهي. جن ۾ ’پرش وئشيا‘ اڃان به ٿيهن
ان پوءِ به اوتري ئي نئين ڪويتا آهي.

ن ؛ هن بعد زندگيءَ کان پوءِ ڪو نه ٿيندو
ۃ ۾ ٿيندو ....
گوورڌن ’گهايل‘ غزل ۾ گفتگوءَ سان گڏ
طنز نگاريءَ جي ڪوشش به ڪئي آهي.
گراڻي اِستري شاعرائن ۾ اڀري رهي ٿي.
ڏبي غزل جي ايترو قريب قلم سان گڏ
به رهي ٿو - اهو هن سان ملڻ ويهڻ وارن
خبر هوندي.

غزل کي ساڏنا اُپاسنا جيان چاهيندڙ ڏبي
چوي ٿو :

سپ ويد، سپ مسيحا هڏ گڏ هٽي هليا ويا،
پاتو آ پياس منهنجيءَ ڪجھ فائدو غزل مان!

واسديو موهي اڪيلو اهڙو ڪوي آهي جنهن
غزل ۽ نئين ڪويتا ۾ ساڳي مقبوليت پاتي آهي
- در اصل هو نئين ڪويتا کي ئي غزل جو روپ
ڏيئي سگهيو آهي.

تنهنجي جدائيءَ ۾
هڪ ڀيرو به خيال نه آيو تنهنجو
مان خوش هوس ھين سان
جئن توسان هوندو آهيان

موهي غزل ۾ به ايترو ئي تڪو تز ۽ دوُر جي
پهچ رکي ٿو.

گهر کان پري - پري خوشي ڪنهن کان وٺڻ وئين
توکي صلاح ڪنهن ڏني جڳ کي ڪلائجانءِ!

ڪيمن مولاڻي سليقي وارو شاعر آهي. غزل
۾ هن جو قد ڪافي اوچو آهي. پر نئين سوچ ۽
ذهين اصطلاح جي درڪار نظر اَچي ٿي.

پريم پرڪاش لنبيون ڪوتائون ڇپيون
لکيون آهن. ’ڀڳت‘ ۽ شامل ’خط‘ انهن مان آهن.
پريم هت مئسيج کي شيڊوز ۾ ايمبوس ڪيو آهي.
ان ڪري هو ’جاتل‘ ڪوين ۾ اهميت پائي ٿو.
ڪلاڪار جي چنتن جي ڏراتل تي اڃان هن جي
ڪويءِ کي پهچڻو آهي. نامديو تاراچنداڻيءَ جي
ڪويتا ’ڀڏاپو‘ ڪويتا جي ڳولها جي ڀڪ ۾ ڀلجي
ويل شخص جا ڪي نوٽس لڳندا توهان کي! (پاڻ
تي ڪمينٽ جو هڪ پريوگ!) گوپ ڪمل هڪ
’درد‘ کي نوان ماڻ ڏنا آهن. ’جنم دن‘ هڪ نمت
آهي ان ۾. ڀولڻ راهي غزل ۽ گيت ۾ هڪ ناهوڪو

۾ ڏهاڪي کان ٻچي نہ سگهيون آهن يا ڪجھ خاص
ڇپي نہ سگهيون آهن. ڀڳوانداس هوش جون سٽون:

ڇڙهيو شاعريءَ جو عجب رنگ دل تي،
مگر شعر ۾ رنگ پرڻ ڪين آيو.

هنجي رواجي ۽ غير رواجي جي وچ ۾ ڪٿي بيهڻ جو اشارو ڪافي آهي.

موتي پرڪاش جون سٽون :

نہ گهٽ هئي دوستن جي دشمني، پر
اسين هڪ يار جي صدقي جيئون ٿا

هن جي سُپاتر - شريڪانت 'صدف' جي شعر جي ياد ٿيون ڏين. ڪرشن راهيءَ جون سٽون:

ماڻهو نندڙا ٿيڻ لڳا آهن!
صرف پاڇا وڌڻ لڳا آهن!
هان سنمان ٿا ٿين ايڏا!
مان جا مُلھ ڪِرڻ لڳا آهن!

موجود ڪوين ۾ پهرين قطار جي ڪوي ڪرشن راهيءَ جون رچنائون مقبول ٿيون آهن - خاص ڪري سنڌيت ۽ وطن نسبت. پر هن جي ڪا الڳ شخصيت اُڀري نہ بيٺي آهي - يا هن جو اهڙو اپياس سامهون نہ آيو آهي.

آسن واسواڻيءَ جون ويجهو آيل نيون ڪوتائون چاهي ڪجھ تراش جي درڪار رکن ٿيون ۽ اُنهن ۾ جهٽيل ڪي اَثر چاهي ٻين سنڌي ڪوين ۾ اڳ جهٽيل پاسن ٿا، پوءِ بہ هن جي اُنهن ڪوتائن ۾ ڏڏڪو، زور ۽ ساهس آيو آهي. هت شامل رباعيون اها مهارت ڏيکاري نہ سگهيون آهن.

'ايشور جو آڀگهات' جو ڪوي هت چوي ٿو :
غيبي هستيءَ کي سمجهڻ نہ آ ممڪن!

هوتو سنڌو پياسي غزل ۾ اندر ۾ جهاتي پائڻ جو سڏ ڏئي ٿو. آنند ڪيماڻيءَ کي، گهڻو چاهڻ کان پوءِ بہ، مان ڪڏهن 'ڪوي' محسوس ڪري نہ سگهيو آهيان - چاهي هن جي رچنائن ۾ 'ڌڌڪا' ڏيندڙ عناصر رهيا آهن. وڌ ۾ وڌ هن جون رچنائون، ڪويتائن جا 'ٽڪرا' لڳيون آهن. هو هڪ 'نہ ڪوي' آهي، جنهن اڪيلي 'اَ - ڪويتا' لکي آهي؛ ۽ ان کي اُلٽ ڪويتا چيو آهي.

ڪلا پرڪاش جون ممتا جون لهرون ڪلپنا ٻڌجي آيون ۽ 'ڪويتا' جي لهر جو آڀاس ڏيئي ويون. ريٽا شهاڻيءَ جون شامل ڪوتائون بہ اهڙو آڀاس ڏين ها جيڪر. هاسارام 'پيئا' پريت جي گيت جو مذر اظهار ڪرڻ چاهيو آهي.

هريڪانت راجنيتي طنز جو هڪ الڳ راڳ ڇيڙيو. لنبي ڪويتا هنجي ٻي خاصيت رهي. ترائيل سنگره ٿين. نئين ڪويتا ۾ ان طرح هن جو هڪ الڳ خاص درجو ڳڻڻ سولو ٿيندو. هونءَ هن کي ننڍيون وڏيون گستاخيون بہ ڪري وڌيون آهن - جيئن هت ڇپيل آهي :

ڄِپَ ۽ جنگھ جي لذت ۾ مبتلا/مرڻينگ قوم لاءِ بينام ڪويءَ جو ... هت هڪ 'قوم' لاءِ ائين چوڻ ناشائستو آهي.

لڇمڻ ڪومل - وٽ موهن ڪلپنا جيان نثر جي هڪ خاص وٽندڙ شيلي آهي. ڪويتا ۾ ان جا مثال چاهي ايڏا نہ پئي جهلڪيا آهن - پر هت اوس هڪ مثال ملي ٿو :

سور سپ سپني ۾ سوگها ڪري سمهي پياسين.
نند جو رستو مٿان موت جي در تائين هلي!

واسديو نرمل بہ دلگير جيان اُچاريل ڪويتا جو شاعر آهي. مشاعرن ۾ جن کي وڏيڪ داد ملندو

... تي وفا جو رنگين فوٽو ۽ اندر ٻه ورهاڱي ...وءِ سنڌي شاعرن جي معلومات ۽ سندن چونڊ ...ڙهي دل خوش ٿي ته ايڊيٽوريل پڙهي ٻه آنند ...لگير جو موزون سنڌي شاعريءَ تي ليک، انڪ ...ڇڻ چار چاند لڳائي بيٺو آهي ته واسديو ...ءَ جو ليک ٻه ڏاڍو پسند آيو.

... مرحوم تنوير عباسيءَ تي موتي پرڪاش جو ...ـه کھڙو نه ذڪر پڙهيو هوا! مونکي خبر ڪا نه ...ته هو اسلام آباد ۾ هو. ۾ مون خيرپور خط ...و اعزاپرسيءَ جو هن جي بيگم کي، ۾ شايد ...ـه هوندس.

... منهنجي خيال ۾ اگر پاڪستان (سنڌ) جي ...ن بابت خاص انڪ ترتيب ڏنو وڃي ته بهتر. ...ڪم موتي پرڪاش بخوبي ڪري سگهندو. ...ته لڳندس.

... منهنجي ڄاڻ موجب 'مصر جي راڻي' ...سنڌ ۾ ڇپائي هئي. بجاءِ روشني وجهي ...دو (هند ۾ ان جو ٻيون ڇاپو پڌرو ٿيو هو ...جي معلومات ڏني ويئي آهي. ص.ب)

... ناگپال (بئنگلور)

...جو ايڊيٽوريل لکڻ لاءِ لڳي ٿو لکمي ٣ مهينا ...ٽ ڪندو آهي.

... ٨٥ پرچي لاءِ شايد ڇپ ڇاپ ۾ ڀاڻ چونڊيل ... شاعرائن کان رچنائون گهرايون ويئون آهن. ...سين جي ته ڳالهه ئي آهي، مرتيو لوڪ ... مان ٻه ڪن جون پراڻيون ڪوتائون ٿي ... ويون آهن، جيئن ڪلا پرڪاش ۽ آنند ...ن.

سلسلي ۾ ٿي بلڪل پهريان ٿي پهريان نئين ڪوتا واري ڇڙڪائيندڙ ڳجهارت آهي هن اڪرن ۾ - شرڌانجلي/موتي پرڪاش

موهي، نئين ڪوتا ههڙي سهڻي نموني سمجهائڻ ڪان پوءِ پڇاڙيءَ جي پيرا ۾ الاجي ڇو ڍلو ٿي ويو آهي 'چانڊنيءَ جهڙي ٿڌي روشني نئين ڪوتا وٽ ڪانهي.

گهنشيام ساگر (اَحمدآباد)

'رچنا ٨٥' دستياب ٿي. عنوان تي پڙهيو وفا جو درشن ڪري، سچ پچ هڪ دلي سڪون مليو ويو. ساده لوح - پُختہ ويچار - اوچي خيالات ۽ معياري لکڻيءَ جي مالڪ شري وفا کي ڏسي دل گد گد ٿي ويئي. هيءُ - انڪ خاص ڪوتا انڪ ڪري شايع ڪري ڇڻ ان کي هڪ يادگار انڪ جو هڪ سندر درجو مليو ويو آهي ۽ واقعي آهي ٻه ساهتڪ ساغر، جنهن ۾ ماڻڪ، موتي، هيرا، ياقوت، جواهر ۽ رتن چونڊي چونڊي وجهي تمار ڪري ڇڏيو اٿو. ههڙي پيالي کي ڪير نه ڏسندو، ڪير نه ان جو آنند ماڻيندو جنهن ۾ رنگيني ۽ خوشبوءِ هجي ساهت جي؟

آخرت ۾ وري شاعرن جي سندن ڇهرن سان واقفيت ڏياري هن انڪ کي پرڪشش ۽ اتهاسڪ بڻائي ڇڏيو اَٿو.

اهڙي اڪٿ محنت لاءِ اوهان ٻي حد کيرون لهڻيون. گهڻيون گهڻيون مبارڪون.

شاعر آهي. گهنشيام ساگر فطرتي طنزنگار آهي. ڪارٽون چتر طنزي ليک هجي يا ڪويتا. هن جي لفظن ڪان ريڪائن ۾ وڏيڪ طافت آهي.

اندرا پونا والا 'سهو' ڪويتا ۾ پتنيءَ جو رول نمايان ڪيو آهي. سهو - هڪ رڙ ڪري بس ڏکي وچي ڪنڌ پڪڙي! مهيش نيٽواڻيءَ نوريئڙي جي سنسڪارن کي ڪويتا ۾ آندو آهي. پرڪرتيءَ کي مهيش پنهنجي تکي اک سان ڏٺو آهي. نئين ڪويتا ۾ هن جو الڳ مقام بڻجي رهيو آهي. شريڪانت صدف جو پنهنجو الڳ مقام غزل ۾ بڻجي چڪو آهي. بنسبت گهٽن وڏن شاعرن جي، شريڪانت هڪ ڏکيو (۽ ڪجھ ڏکڻو بہ) شاعر نظر ايندو. هن جي سنڌي ٻوليءَ جو نمونو خير ڪو ملندو. رشمي راماڻي 'رشتو' ڪويتا ۾ ان لمحي کي ياد ڪيو آهي جڏهن رشتو بڻجي ٿو. ومي سدارنگاڻيءَ عورت کي چُلھ چڪلو ۽ ويلڻ جي گهيري ني شڪايت ڪئي آهي.

جڳھ محدودگيءَ ڪري ڪجھ وڏيڪ مختصر ٿيڻو پوي ٿو. ضرورت آهي هيءُ يا اهڙو سنگرھ هنديءَ ۾ اچي. اَڪادميون سوچي سگهن ٿيون اهڙو سمپادن سَولو نہ، ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. اوس ڪي ڪوي رهجي بہ ويندا آهن ۽ ڪن حالتن ۾ ڪي نرٽيہ ڏکيا ٿي پوندا آهن ۽ ايڏي وڏي ڪم ۾ ڪي غلطيون ٿيڻ جو انديشو بہ رهي ٿو. دنيا ڪارڻ نہ، پريتام ڏسندي آهي. بهتر ٿيندو، توهان ۽ اسان هئي ڏسون.

1998, Sindhunagar,

Bhavnagar - 364002

(نوٽ : هيءُ سلسلو هن روپ ۾ حال بند ڪرڻ جي اِجازت چاهيندس. نامديو)

توهان طرفان

هري همتاڻي (اَجمير)

رچنا ٨٥ پهتي. عمر جو سلسلو رکندي، رتائتي جوڙجڪ سان واھ جو چونڊ ۽ محنت ڪئي اٿو. بيحد ئي سهڻو پرچو آهي. رچنا جي سونهن تہ شروعاتي پهرئين پرچي کان، توهان قائم رکندا پئي آيا آهيو، اُن ۾ ايترو سو نکار ضرور آيو آهي، جيڪو ڪنهن بانبڙا پائيندڙ ٻار ۽ شباب سان پُر ڪنهن نار ۾ پسجي. اهو سڀ اوهان جي لگن ۽ محنت جو ڦل ۽ جلوو آهي. سچائيءَ جو رنگ ائين بہ سون جيان جرڪندو آهي.

ڍولڻ راهي (اجمير)

رچنا ٨٥ توهانجي ڪامياب محنتن جو نتيجو آهي. ساهتيہ جي وديارٿين لاءِ ۽ باشعور پاٺڪن لاءِ هيءُ پرچو سوکڙي آهي. ورهاڱي بعد جي سنڌي ڪوتا جو دستاويز ٿو لڳي. دلگير صاحب جو ليکہ بزرگانہ شفقت جو احساس ٿو ڏئي. واسديو موهيءَ جو ليکہ نئين ڪوتا بابت ذهن جي ڌنڌ ۽ غبار کي ڪافي حد تائين صاف ٿو ڪري. هن نهايت گهرائيءَ سان نئين ڪوتا جي اوک ٻوک ڪئي آهي. ليکہ مان سندس مطالعو مشاهدو ۽ محنت صاف جهلڪي رهيا آهن. هيءُ ليکہ هن پرچي جو نڪ آهي.

پروفيسر ٻي. ڪي. منشاراماڻي (احمدآباد)

رچنا ٨٥ خوبصورت خاص ڪوتا انڪ ڪالھ پهتو.

ولبرام ڪشناڻي

وڻ ۽ انسان

هڪ وڻ جڏهن اُسري ٿو ته اُهو پنهنجي ٿڌي ڇانوَ صرف اُتي ڪو نه ٿو ڏئي جتي اُهو بيٺل آهي، پر اِرد گِرد گهيري ۾ به ڦهلائي ٿو ۽ اُنجو ڦل ته ديسان ديس وڃي ٿو پهچي. ساڳيءَ طرح هڪ ٻالڪ جڏهن اُسري ٿو ته اُن ۾ سڀني جون اکيون هونديون آهن. ماءُ پيءُ کي ڏيُ هوندو آهي. ڀائرن ڀينرن ۽ مٽن مائٽن جون منجهس اُميدون هونديون آهن. پاڙي اوڙي، سماج ۽ ديش جون به مٿس ڪي جوابداريون هونديون آهن. پر اُهو ٻالڪ اُسرڻ بعد، ڪنهنجو به اونو نه رکي صرف پنهنجو ئي ڀلو سوچي ته پوءِ اهڙي انسان کان وڻ بهتر، صد بار بهتر.

B-178 Pratabnagar
Gandhidham - 370201

سنڌي اَڪادمي، دهلي

ڊي.ڊي.اي. سَمُدايه ڪيندر، صَدر ٿاٿا مارگ،
پهاڙ گنج، نئي دهلي - ١١٠٠٥٥، فون : ٣٥٥٣٣٩٢، ٣٦٧٠٣١١٩

سِنڌي اَڪادمي، دهليءَ طرفان دهليءَ جي معتبر سنڌين جي هڪ ڊائريڪٽري

Who is who of Prominent Sindhis of Delhi

شايع ڪرڻ جي رِٿا آهي. اِن ۾ دهليءَ ۾ رهندڙ سنڌي سنسد سدسيَه، ڊاڪٽر، حڪيم ۽ وئديه، اِنجنيئر، ڪلاڪار سماج سيوڪ، راجنيتگيه، ليکڪ/پترڪار، تعليمدان، وڪيل، آرڪيٽيڪٽ، واستو شاستر وگياني، اُديوگ - پتي ۽ ٻين کيترن ۾ مهارت حاصل ڪيل سڄڻ شامل ڪيا ويندا.

۽

سنڌي اَڪادمي دهليءَ طرفان ڀارت جي سنڌي ساهتيڪارن/ڪلاڪارن جو پَرِچيه ڪوش شايع ڪرڻ جي به رٿا آهي.

Who is who of All-India Sindhi Writers/Artists

سڀني کي وينتي آهي ته پنهنجا تفصيل مُقرر ڪيل فارم ۾ ڀري پنهنجي پاسپورٽ سائيز فوٽو سان گڏ اَڪادميءَ کي موڪليندا.

فارمِ اَڪادميءَ جي گورننگ باڊيءَ جي ميمبرن/سَب ڪميٽيءَ جي ميمبرن، سنڌي پنچائتن/اَسوسيئيشن ۽ اَڪادميءَ جي آفيس مان حاصل ڪري سگهجن ٿا.

ڊاڪٽر چينو لالواڻي
سيڪريٽري

REGISTERED WITH REGISTRAR OF NEWS PAPERS INDIA REGD. NO. 41/4/78/NT